نَئين سفر ۾

سعيد ميمڻ

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان ”سورهه“ ميراڻي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488

نبڻَ سفَر ۾

(غزل)

سعيد ميمڻ

سنڌي ساهت گهر- حيدرآباد سنڌ

١٩٩٨ع

Soorih Mirani

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

كتاب جو نالو: نينءَ سفر ۾.

موضوع: شاعري.

ليک: سعيد ميمڻ.

ڇاپو پهريون: ١٩٩٨ع.

ڪمپوزنگ: ناز ڪمپيوٽر اڪيڊمي.
آفيس نمبر ١٨ ، سيڪنڊ فلور
شيلٽر ڪينٽ شاپنگ مال
ڪينٽونمينٽ، حيدرآباد سنڌ
فون 784350

قيمت =/80

سنڌي ساهت گهر، ڪتاب نمبر ٩٧

NAN SAFAR MAIN (Poetry)

By: Saeed Memon
Edition: Ist 1998.
Published by: NAZ SANAI
Sindhi Sahat Ghar,
Office No-18, Scond Floor,
Sheltar Cantt: Shopping Maal
Cantonment, Hyderabad Sindh.
Book No. 97
Price per copy: 80/=

ٻہ اکر

اسان جي شاعريءَ جي نئين نسل واري کيپ ۾، جيڪي نالا اڀري، ايري، متي چڙهي آيا آهن ۽ شاعرائي افق ۾ جڳمڳائي رهيا آهن، انهن ۾ سعيد ميمڻ جو نالو سيني کان اڳيان آهي. هن وٽ نہ رڳو ذات آهي پر ڏانءَ بہ هن سان واهہ جو نباهيو آهي، جنهن ڪري ان جي شاعري پڙهڻ سان اسان کي دلي سڪون پهچي ٿو ۽ ويساهہ ٿو ٿئي تہ سنڌي شاعريءَ جو مستقبل اونداهو ناهي.

"نيڻ سفر ۾" ، سندس ڪلام جو پهريون مجموعو آهي، جنهن کي سنڌي ساهت گهر پنهنجي ان وعدي جي تڪميل ڪندي ڇپائي رهيو آهي تہ سنڌي ادب ۾ نوان نالا بہ ان نموني متعارف ڪرايا ويندا ۽ انهن جا ڪتاب بہ ان نموني ئي ڇاپيا ويندا، جيئن وڏن نالن وارن ليکڪن جا ڇپايا ٿا وڃن.

سنڌي ساهت گهر، پنهنجي هن تمام سهڻي ۽ سيبتي شاعر جي ڪلام کي پڙهندڙن آڏو آڻي سچ پچ تہ سرهائي محسوس ڪري رهيو آهي. اميد اٿئون تہ ان جي ڪلام جا پيا مجموعا بہ ائين پڙهندڙن آڏو آڻي سگهنداسين.

ناز سنائي

حيدرآباد سنڌ.

آفيس نمبر ١٨- شيلٽر ڪينٽ شاپنگ مال

ڪينٽونمينٽ، حيدرآباد، سنڌ

فون 784350

ارپنا:

مهين جي دڙي نالي،
جنهن جي مٽيءَ هيٺان
منهنجو ماضي لڪل آهي.

عاقل جي نالي،
جنهن، پنهنجي جهوليءَ ۾،
منهنجو جيون ۽ سپنا سانديا آهن،
۽ ان حسينا جي نالي،
جيڪا مون لاءِ
سمنڊ به آهي ته سراب به!

Soorih Mirani

مون تي سندن وڏ

مان ناز آڏو، نيازمنديءَ سان نوڙي، هُن کي "نمستي!" چوان ٿو ۽ هن جا هَٿَ چُمان ٿو جنهن پنهنجا هَٿَ وڌائي، "نينڻ سفر ۾" کٽي، مون کان مسودو ورتي، وَڃي ڪتاب ڇپايو ۽ منجهيل معاملن ۾ منهنجي مدد ڪئي.

نازَ تي جڏهن آءٌ نظر وجهان ٿو تہ هُو سچ تہ، مون کي پنهنجي ظاهري قد ڪاٺ کان تمام وڏو ٿو نظر اَچي. ناز، جيڪو "ٽوٽائي" ماٿو آهي جيڪو، اَسان سيني کي ٽوٽا هٿي ڪلائيندو آهي جڏهن مان، هن جي جِيءَ ۾ جهاتِي پائيندو آهيان تہ مون کي اُتي "خاموش درد" محسوس ٿيندو آهي. هڪ خلا نظر ايندي آهي. جيڪا، ٿهڪن وسيلي پاڻ کي پُر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي!

ناز! اَسين سَڀ خلائن ۾ لٽڪندڙ انسان آهيون، "آسماني ڏاڪي ۾ بڏل! جڏهن "ڏاڪو" ڇڄِي پوندو، ڌرتيءَ هيٺ هليا ويندا سين!

ناز! اَسين "ڪوري" آهيون. اَسان جو ڪَمُ آهي ڳنڍڻ. لطيف سائينءَ بہ اَسان لاءِ چيو آهي:

هَلو هلوَ ڪورئين، نازڪ جَنين نينهن
ڳنڍين سارو ڏينهن، ڇنڻ مُور نہ سگهيا.

منهنجي دعا آهي تہ اَسان ۾ "قرب جوڙڻ" جيڪو، "ڪينجهر- ڪنڌيءَ" تي پوکيو آهي اِهو، سَدا سائو رهي ۽ زندگيءَ جي اسَ ۾ ساهي پَٽڻ لاءِ جيڪي مسافر اِتي ڪو وقت ترسن تہ اُنهن کي پيار جو ٿڌو ڇانورو ملي ۽ اِنَ وڻ مان محبت جا مٺا ميوا کائي اَسان خانہ بدوشن کي ياد ڪن.

مان نوجوان ڪهاڻيڪار، پنهنجي ننڍپڻ جي دوست، ڳوناڻي "يامين بلوچ" جو نهايت ٿورائتو آهيان جنهن خوشيءَ سان مهاڳ لکيو.

(دراصل هِي مهاڳ، سنڌي شاعريءَ جي هڪ سُٺي شاعره کي لکڻو هو
جنهن، ڪن مجبورين سبب نہ لکيو!!)
مان لاڙڪاڻي جي نئين جمعي فقير، سڪندر شيخ جو بہ ٿورائتو
آهيان جنهن مون لاءِ پنهنجو "تاثر" لکيو.
مان پنهنجي "بي اختيار مختيار" جو بہ ٿورائتو آهيان جنهن مون
کي سنڌوءَ سان وَچي ملايو آ (لڳي ٿو ٻوڙائيندو!)
مان سائين ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ، سرڪش سنڌيءَ جو بہ
ٿورائتو آهيان جن منهنجي شاعريءَ لاءِ پنهنجي راءِ ڏني آهي.
پنهنجي ويجهي دوست، جينيئس مصور "رضوان" جو بہ، ٿورائتو
آهيان جنهن ڪتاب جو ٽائيٽل ڏنو ۽ پنهنجي "همزاد" نادر جماليءَ جو
بہ ٿورائتو آهيان جنهن منهنجو "پورٽريٽ" ٺاهيو.
مان پنهنجن ويجهن دوستن غلام نبي گل (جنهن کي آسين پيار
مان "آبو" سڏيندا آهيون) سرتاج جاڳيراڻي، بقا بوزدار، منور شاهہ،
رياض جاڳيراڻي، وشال، علي رضا، رئوف عباسي، رياض منگي، عزيز
منگي، جاويد ميمڻ، عامر ميمڻ، امداد عباسي، زاهد ميراڻي، قدير شيخ،
رفيق شيخ، جاويد شبير، جواد جعفري، آفتاب سرهيو، رزاق مهر، محمد
علي پناڻ، احسان سومرو ۽ قاسم ڪيهر جا پڻ ٿورا ميڃان ٿو جن مون
سان دوستيءَ جي ناتي ۾ سَدائين سهڪار ڪيو آهي.
مان سنڌي ادبي سنگت شاخ لاڙڪاڻو جو بہ ٿورائتو آهيان جنهن
جي، منهنجي تربيت ۾ وڏو هٿ آهي. جتي مان پنهنجون تخليقون پيش
ڪندو آهيان ۽ دوستن جي تنقيدي راين کي ذهن ۾ رکي پنهنجي فَن کي
سنوارڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان.
آخر ۾ آءٌ پنهنجي رڪشا جا بہ ٿورا ميڃان ٿو جنهن، زندگيءَ
جي سفر ۾ مون کي "متحرڪ" رکيو آهي ۽ جنهن جي شيشي منجهان
مون زندگيءَ جا هزارين رنگ ڏٺا آهن.

سعيد ميمڻ
عاقل
17 جولاءِ 1996ع

Soorih Mirani

تعارف

سِنڌوءَ جهڙو سعيد

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس مان ايم اي (سنڌي ادب) فرسٽ ڪلاس، پرائمري ماستر، رڪشا ڊرائيور ۽ منهنجو محبوب شاعر سعيد ميمڻ، 8 نومبر 1968ع واري ڏينهن ڳوٺ عاقل جي ڪٽر مذهبي گهراڻي ۾، ماستر مولوي بشير احمد ميمڻ، جي آڳنڌ/ اڳڻ تي روئندي/ رڙندي اهڙي گهڻَ ٻوسٽَ واري ماحول ۾ اکيون کوليون جتي، اَڄ جي سيٽ لائيٽ دؤر ۾ به، ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي سؤ چوئيتاليهه (144) لڳل آهي.

مذهب جي موروثي اثر ڪري شاعريءَ جي شروعات مولودن سان ڪيائين. ايتري قدر جو اِنَ گنجريل سُٽَ کي سُلجهائيندي، پاڻ به اُلجهي وَيو، تان جو عشق کي اَڇُو پَيو. عشقُ، مذهب جي ڪنڌَ تي ڪڙڪيو ته "ويچاري مذهب" پويان پيرَ ڪَيا ۽ سعيد، انگوڇو ڪُلهي تي رکي، محبوب پويان نڪري پيو، رڪشو به روڊَ تي وِسري وَيس!

سعيد عشق جي اِمامت ۾ وقت وڃائڻ بجاءِ، اکيون مهٽيندو، مسجد، مولوين ۽ مولودن کان بغير موڪلائڻ جي نڪري پيو ۽ "سِنڌوءَ جَل" مان پاڻي پِي، اکيون آليون ڪري ۽ سنڌوءَ جي پِڪَ تي بيٺل نِمَ هيٺان ويهي، امر سِٽُون سرجڻ شروع ڪيون. سندس لازوال شاعريءَ ۾ گهَرائپ ۽ رواني، شخصيت ۾، شور ۽ سانت جهڙيون خوبيُون به سنڌوءَ سان نينهن جو نتيجو ٿيون ڀاسن. وقت سان گڏ سعيد سنڌوءَ جي رنگ

۾ اهڙو تہ رنگجي وَيو جو هاڻ سنڌوءَ ۽ سعيد ۾ فرق ڪرڻ مهل ڏاڍي ڏکيائي ٿي رهي آهي.

مون تہ اِئين محسوس ڪيو آهي "آهن گڏ پر، ٻَڌڻ ۾ بہ ٿا آچن" اِهو بہ اِنَ ڪري تہ ڪَمَ مختلف آٿَن. سنڌو زمين کي تہ سعيد ذهن کي سيراب ڪري رهيو آهي. باقي سنڌوءَ ۽ سعيد جي سُورن ۾ بہ مڪجهڙائي آهي. ٻئي پنهنجن "وچايل ڪنارن" جي ڳولا ۾، ڪَيِن سان ڪندَ هٽندا، رڙندا، لُڇندا، گهري سمنڊ ڏانهن ڪاهيندا ٿا وَڃن. سنڌوءَ جهڙي هِن شاعر جو مان وڌيڪ ڪهڙو "تعارف" ڪرايان؟ سندس ئي هڪ بيت آ؛

نَہ ڪو آئُون "خاص" هان، نَہ ئي ڪو "عامِي"
نَہ ڪو آهيان "مذهبي"، نہ ئي ڪو "سامِي"
موتيو آهيان ڳوٺ ڏي، پائي ناڪامِي
وينو آهيان ڪَپَ تي، عاقِلِ آرامِي
سامهون آ سِنڌوءَ جو، پاڻِي بادامِي
پاڻيءَ مٿان ڦوٽڙا، ناهن مُدامي
آهي دَوامي، وقت سندو بَس وهڪرو.

مختيار جاڳيراڻي
ميان شاهل محمد
قمبر- لاڙڪاڻو
18 جون 1996ع

تاثر

هُن جوڳيءَ، ساميءَ، رنگين شاعر کي....!

سڪندر شيخ

ڇَپر، "جي صوفيت جو سَواد چکي، ڇريو ٿيو آهين تہ، من-مسجد جي هڪ گوشي ۾ ويهہ ۽ "هيڪڙائيءَ" جو هَل ٿِيءُ بلڪل وجود جي اننت اڪيلائيءَ ۾ "پاڻ". ڪٿي نہ ويهہ! ڇو تہ، "پاڻ" نِماءَ چاهيندو آهي. ۽ "روح" السَتي اوج ۾ آڪوپ تي ويندو آهي. ٻڌا سڌِ نہ ڏي ڪنهن کي! اهي سَڀُ جاڳن ٿا. ڇَوندا تہ؛ "ڇُپ جي ڇوليءَ کا عاري الف اگهاڙو تي ويٺو آ!" ۽ هوڏانهن چوين ٿو؛

ڪاٿي لڪايان، وَڃي آءٌ وجود کي
غائب ٿي مان رَبَ جيان، جيئن ٿو چاهيان
هستيءَ ۾ آهيان، ڌرتيءَ تي محدود مان!

هاڻي جي "هُنَ" جيان جيئڻ ٿو چاهين تہ پوءِ، هُن جي هستي ڏيکارا هو تہ ٻي آننت ڪائنات ۾ سَٽيو پَيو آهي ۽ تون ڇريو رڳو رنگن جا ٿو رُوپَ وَٺين! ڪڏهن "ميهار" جو چولو تہ ڪڏهن سامين، جوڳين وارا ڪنٺا ڪنمال ٿو پائين ۽ ڪڏهن يتائيءَ جي "يڪتائيءَ واري ڪُلَ" ۾ ٿو پناهہ ڳولهين. هِڪَ سونهن، هڪ رنگ اندر کي مَلي ڇڏ! ڇو تہ، هُن جو بہ رنگ هڪ آهي. ٻن رنگن کي ڇڏي ڏي! ۽ پاڻ بہ نہ ڳالهاءِ! ڇو تہ هُن بہ پاڻ ڪڏهن ڪونہ ڳالهايو آهي پر، هُن جي هر تخليق ڳالهايو آهي/ ڳالهائي ٿي. ڇو تہ، هر وجود وٽ واري شيءِ پنهنجي هستيءَ جو احساس پاڻ ڏياريندي آهي ۽ پنهنجي اهميت مڃرائيندي آهي. ڪيئن ٿو چوين تہ، ڌرتيءَ تي محدود هان مان؟ تون محدود ڪٿي

آهين؟ آدم مٽيءَ جي مورت ۾ جڏهن، چُرپُر شروع ڪيائين تہ ڪائنات ٻئي ويو. لامحدود ڪائنات، جنهن جو اَنتُ، ڇيهہ ئي ڪونهي! هي جي انيڪ عميق مان موتي ميڙي هِنَ ٻاهرئين جهان واسين آڏو آنديءَ تہ ڇا، اِهو ڪم بہ تنهنجو آ تہ. اُنهن ڪي ٻُڌائين تہ هي معرفت جي منزل آئوَ! نہ نہ! هي موتي تہ جهان جرڪائڻ پيا. هاٿي جن ۾ تَوَ سهڻ جو تابُ ئي ناهي سي اکيُون تہ. ڪيريُون ٿي پيُون آهن! ۽ ڪي "حسد ڀَريا هنيا" تنگدليءَ جا تِيرَ ساهيُون بيٺا آهن پر، تون پنهنجي "نسل" جي مضبوط پناهہ ۾ آهين! نہ ڊِڄُ! اِهي تِيرَ سَڀُ هَوا ٿِي ويندا! فقط اِهو سمجهہ تہ، جن جي تَنَ کي تات طلب هوندي، جن جي مَنَ ۾ سَچَ جو ساگر موجزن هوندو سي توکي ڳولي لهندا ۽ تو تائين آوَسِ رَسندا!

ميجيوسين تہ تو روح جي اُنهن رستن تي سفر ڪيو آهي/ ڪرين پيو جتان، جوڳين جهاڳيو آهي، سنڌ خيالن جا گهوڙا ڪڏهن عشق جي آستانن آڏو بيٺا آهن ۽ ڪڏهن درياءَ جي ڪپ تي نئون ميهار ٻنجي اَڄ جي سهڻيءَ سان عجيب لهجي ۽ نرالي ڍنگ سان ڳالهائين ٿو؛

ويٺو آهيان رات جو، ڪائيُون ميڙي ڳَچُ
ساهون پڙڪا باهہ جا، محبت وارو مچُ
سهڻي! هاڻي اَچُ، آءٌ سڙان ٿو سوزَ ۾.

تہ ڪڏهن مَنَ جي ماجرا ٻڌائيءَ سان ٿو ونڊين؛

آهي اُونداهي، ڪونهي ڪوئي سوجهرو
ويٺو آهيان واٽَ ۾، چوڏسِ تنهائِي
هُئي جا تنهنجي ڀِرِ ۾، منهنجي "سُهائِي"
بابا! ٻڌائِي! مون کي ساٻہ ڇڏي وئي!

تہ ڪڏهن خاموش شهر مُهين جي ڪنڊر، ڳلين ۾ ويل زندگيءَ جون رونقون ٿو ڳولين؛

صديُن جا اوسيئڙا، ويئي آنهن ڏئي

اَڄُ پي مـوهَنَ جي ڏڙي، آئينءَ ڪِين ڪَهي
ويو سچُ لَهي، اِستوپا جي پوئتان.

لڳي ٿو تنهنجو "رولاڪ روح" تنهنجي وجود جي اچڻ ڪان به اڳ جڻ ته سفر ۾ آهي ۽ اِهي سفري رُوپَ جيڪي سندءِ شاعريءَ جي شمائن ۾ ڪردار ٿي هلن ٿا. انهن جو جڏهن جذباتي ٽڪراءُ ٿئي ٿو ته، تو تخليقڪار جي گرد تضادن جو هِڪَ حلقو اَڀي ڪڙو ٿئي ٿو، تڏهن ته چوانءِ ٿو ته "اي اَچي عينڪ وارا، رنگين ماڻهوا جيءَ ڪي هِڪَ رنگُ مَلي ڇڏا!"

اِهو بحث سعيد سان سندس شاعريءَ جي وجودي/ روحاني ڪيفيتن جي اُيرڻ تي، جائزو وٺندي ٿيندو رهندو آهي.

سعيد، پنهنجي شاعريءَ جي پس منظر، پيش منظر ۾ تلخ، بيباڪ ۽ سَرَنِ جيان ڪهرو به لڳندو آهي ته، ڪڏهن ڪنهن ٻارڙي جيان معصوميت ۽ پورائپ به نظر ايندي آهي.

ڳوٺان رات جو ڪا نئين تخليق سرجي ايندو ته آفيس يا دڪان تي اَچي ٻڌائيندو. شاعري ٻڌائي، تڏا ساهہ کڻندي، پنهنجي مزاجي ڪيفيت ۾ ايترو به ٻُڏي ويندو جڻ ڪو مجسمو هجي. چوندو مانس "سعيدا ڇا ٿيو؟" ڇِرڪَ ڀري چوندو، "بس يارا ڪوئي سمجهي ئي نٿو! مون کي ته سڀ سطحي سوچون ۽ عارضي چهرا ٿا نظر اَچن. هيڏي وڏي اَدبي جهان ۾ جتي حق ۽ سچ لڪندڙ مخلوق رهي ٿي، انهن کي آلاءِ جي جو حق سچ ۽ حقيقت فقط پنهنجي ئي گرد نظر آچي ٿي؟ ۽ هُو هڪ ٻئي کي ڪُلهن تي کڻي "ڏِسوا ڏِسوا" ٿا چون. تڏهن، سڪندرا سچ ته مون کي ڏاڍا نندڙا لڳندا آهن! ڇا ڪين سچ جي ٻي ڪا روشني نظر نٿي اَچي "نہ هُو جاڻي واڻي اڪيُون ٻُوٽي ٿا ڇڏين! سڪندرا ادبي تاريخ مون سان انصاف ڪندي، مون شاعريءَ ۾ گهڻو ڪجهہ وقت کان اڳ ۾، ايندڙ وقت لاءِ لاڀُ ڇڏيو آهي." تڏهن سگريٽ ڪـهرندو ۽ چونـدو جڳجيـت جو ڪـو غزل ٻُڌاءِ ۽ غزل ٻُڌنـدي لڪَ لڪَ ۾ روئـي پونـدو، اوچتو منهنجي نظر پوندس ۽ مون کي به رو.ئڻهاَرڪو ڪري ڇڏيندو سچ ته اِها حساس پٽي جي انتها آهي.

ڏنو وڃي ته ٿوري عرصي ۾ سعيد جيڪو تخليقي ڏيھ جوڙيو آهي اهڙو ڏيھ ورهين پڄاڻان ڪنهن جوڙيو هجي. سعيد، ٿوري عرصي ۽ ننڍي عمر ۾، ڏات جي جنهن تيز وهڪري ۾ لڪيو آهي اوتري تڪڙي پرپُور موٽ ڪيس ڏيڻ ۾ خاص طور "سڄاڻ ذهن" ڪنجوسي ڪئي آهي! نه فقط ڪنجوسي پر، هِڪَ "مجرماڻي خاموشي" پڻ اختيار ڪئي آهي!

سعيد پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪائنات جي رازن، رمزن جي جنهن جديد انداز ۾ واکاڻ ڪئي آهي يا جيڪي به گهِرا خيال، علامتون ۽ انوکا رنگ پريا ۽ عجيب سچوئيشن پيدا ڪئي آهي ته اُن، اهڙن ننڍڙن ذهن تي "گهٽَ" پيدا ڪري ڇڏي آهي ۽ جڏهن "گهٽَ" وڌندي آهي ته تيز هوا جا امڪان وڌي ويندا آهن. سعيد لاءِ اهڙي اڳڪٿي ڪري سگهجي ٿي ته سندس شاعري اهڙي تيز هوا ٿي گهُلندي جنهن سان، ڪيترا بوسيده "وَڏا وڻَ" پاڙئون پٽجي پَٽِ اَچي پَوندا!

سعيد جي شاعريءَ ۾ جيتري سنجيدگي ۽ گنڀيرتا آهي هي، زندگيءَ ۾ مزاجاً اوتروئي غير سنجيده، ٺِٽڪَ ٺوٺائي آهي. پريَ ڪان جڏهن به اَٽَ جيان ڳُلها لوڏيندو ايندو آهي ته بي ساخته ٽهڪ نڪري ويندو آهي ۽ اچڻ سان ڪونه ڪو چرچو ضرور ڏوڙيو ڪيرائيندو.

جيئن چيو ويندو آ ته هر عاشق شاعر نه، پر هر شاعر عاشق ضرور ٿيندو آهي. سعيد به "عاشق شاعر" آهي. عشق جي تپش هن جي شاعريءَ مان محسوس ٿيندي آهي. وچ ۾ ته محبوبا سندس تَرائي ڪڍي ڇڏيا هئا! دل جو دهڪو وڌي ويو هوس، سيني جي کابي پاسي هَٿَ رکي چوندو هو "سڪندر! يار! دل جي تڪليف وڌي وئي آهي. ڊاڪٽر چوي ٿو آرام ڪر پر منهنجو آرام ته "ڪجئن واري شهر ۾" هُوءِ ڪسي وئي آ!" خير آجڪلهه دل جي رفتار نارمل اٿس، مُنهن ۾ ماس ورايو اٿائين. ان ڏينهن حاجيءَ واري هوٽل ۾ ويٺو هو پڇيومانس، "شاعر ۽ عاشق اڪثر ڏٻرا ڏٻرا لڳندا آهن، تون آجڪلهه سمارٽ ٿيندو وڃين ۽ جان ۾ پَربو ٿو وڃين! اِهو ڪيئن؟" چيائين، "مون پيارَ وازي پِڙَ ڪي اندر جي اِنرجيءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي ۽ اِن تبديليءَ مون ۾ نکار آندو آهي"

درد تنهنجي ۾ ذات، نکري پئي
جڻ سڄي ڪائنات، نکري پئي
تو چيو، عشقُ آ غلطفهمي!"
عشق سان منهنجي ذات، نکري پئي.

انهيءَ عشق جي تَوَ ۾ سرجيل سٽن مان سندس صدائون ٻڌجن ٿيون. حالتن جي مختلف پهلوئن تي سعيد لکيو آهي جي وضاحتون ڪجن ته ڪتاب لکجي سگهجي ٿو. سعيدجي شاعريءَ ۾ طنز مزاح واري عنصر سان گڏ، علامت نگاري تمام ڀرپور نموني اظهاريل آهي. اڪثر هُن جي جديد شاعريءَ ۾ قديم آثارن جي منظر نگاريءَ مان لڳندو آ ته جڻ هِي اَڄ جو نه پر، هزار سال اڳ جو ماڻهو هجي، سندس تاريخي ڄاڻ ۽ اظهار جي سگهه، ۽ فنَ تي دسترس، سندس شاعرائي هنر کي منفرد بڻائي ٿي.

هِن ياروِيس ماڻهوءَ پنهنجي هِن پهرين شعري مجموعي لاءِ اَڄ جي "ادبي آڪاڙي" جي ڪنهن به وڏي جوڙ واري ڪان ڊاڪو ڪونه ٻڌرايو آهي. ڪوبه سرٽيفڪيٽ ڪونه ورتو.هُن چيو ته "جڏهن منهنجي ويجهو مونکي سڃاڻڻ وارا اوهين آهيو ته ڪنهن ٻئي جي سڃاڻپَ جي ضرورت ڪهڙي جن کي منهنجي شاعريءَ سڃاڻپ ڏني تن. سُڃاتو ئي ڪينَ!"

جڏهن مونکي چيائين ته "ڪجهه توکي به لکڻو آهي" ته چيومانس، "منهنجا بي ربط فقيراڻا فقرا تنهنجي شاعرائي ادبي اتهاس جو ڪهڙو آحاطو ڪري سگهندا؟ تو مونکي هُوئڻن ئي "لاڙڪاڻي جو نئون جمعو فقير" بڻائي ڇڏيو آهي ۽ فقير ڪنهن فلسفي مان ڇا ڄاڻن؟

سَچُ ته هُوئڻن به ساڀراهه ڪنهن جو قدُ ڪونهَ تي وڌائي. سو، سڃاڻپَ سعيد لاءِ هِي "تاثراتي سِٽون" نه پر، سندس شاعري آهي سعيد لاءِ هي چند حرف مون لاءِ سچَ ته دائمي خوش نصيبيءَ جو باعث آهن.

سڪندر شيخ
لاڙڪاڻو
13جولاءِ 1996ع

مهاڳ

ياسين بلوچ

ڪلاسيڪي شاعريءَ جو تسلسل

فن جي اعليٰ ترين معيار کي ڪلاسڪ جو درجو ڏنو ويندو آهي. جيڪو نہ صرف فني، فڪري اعتبار کان خوبصورت هوندو آهي بلڪ، صدين جو سفر پنهنجي ئي دؤر ۾ طئہ ڪري، تخليقي دنيا ۾ نوان ۽ صحتمند رحجان پيدا ڪندو آهي. اهڙو فنُ پنهنجي ثقافت ۾ خوبصورتي پيدا ڪرڻ سان گڏ، انسانذات جي تخليقي تاريخ ۾ بہ حسن پيدا ڪندو آهي. اُن جو ڦهلاءُ صدين جي وسعتن ۾ پکڙجي ويندو آهي جتي، هُو هر دؤر ۾ نون تخليقڪارن لاءِ "هڪ ادارو " يا " درسگاهہ" بڻجي انهن کي فني آگاهي ڏيندي لازوال بڻجي ويندو آهي.

اِنَ حوالي سان جيڪڏهن، مشرقي شاعريءَ جي تاريخ تي نظر وجهندا سين تہ آسان کي ڪيترائي لازوال تخليقڪار نظر ايندا. عربي زبان

جي شاعريءَ ۾ آمراءُ القيس، طرفه ۽ عمرو بن ڪلثوم، فارسي شاعريءَ ۾ سعدي، جامي ۽ مولانا رومي، هندي شاعريءَ جي تاريخ ۾ تُلسيداس، سورداس ۽ ڪبير، اردوءَ ۾ مير، غالب ۽ اقبال، سرائڪي زبان جي شاعريءَ ۾ سلطان باهو، بلي شاهه ۽ غلام فريد، پنجابي زبان جي شاعريءَ ۾ وارث شاهه، ماڌو لال حسين ۽ شاهه حسين، سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾ قاضي قادن، مخدوم نوح، شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو، شاهه لطف الله قادري، شاهه عنايت رضوي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل، سامي، خليفو نبي بخش ۽ ٻيا ڪيترا وڏا نالا آهن. انهن مڙني شاعرن فني، فڪري سگهه وسيلي مشرقي شاعريءَ جي تاريخ ۾ آمر حيثيت ماڻي آهي. انهن شاعرن جو فَنَ پنهنجي داخلي توڙي خارجي ڪيفيتن جي سگهاري اظهار سان گڏ عالمِ انسان جي دوستيءَ جي علامت بڻيل نظر آچي ٿو.

يونگ چيو آهي، ”فنڪار جڏهن انفرادي ڪيفيت کي اجتماعي ڪيفيت جو روپ ڏئي ظاهر ڪندو آهي، ڇڻ تہ اهو آسان سيني ۾ همدرديءَ جي قوت پيدا ڪندو آهي. جنهن جي مدد سان انسان تڪليفن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري ٿو، زندگيءَ جي تاريڪ ۽ ڏکي سفر کي طئہ ڪرڻ لاءِ قوت حاصل ڪري ٿو.“

مٿين راءِ کي آڏو رکي ٿورو سوچيون تہ واقعي برصغير ۾ جتي مذهبن ماڻهن کي هڪٻئي کان پري ڪيو هو، اتي انهن فنڪارن ئي پنهنجي فن وسيلي ماڻهن ۾ ٻَڌي، محبت، ڀائيچاري ۽ همدرديءَ جو ڀرپور جذبو پيدا ڪيو. سنڌ ۾ ڀٽائيءَ جو ڀرپور مثال آسان جي آڏو آهي. جنهن فن کي مذهبي بيٺل پاڻيءَ جي تلاءَ ۾ وهنجارڻ بدران انسانيت جي جذبي سان آمرتا بخشي. ڀٽائيءَ کان شيخ اياز تائين اسان جي مڙني شاعرن پنهنجي وس وِٽَ آهر انسانن جي نفرت آميز روين جي اوندهہ کي دور ڪرڻ ۽ اُنهن ۾ زندگيءَ جي محبت ڀرين روين کي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مان سمجهان ٿو اِهوئي هڪ سچي

فنڪار جو ڪم آهي.

آسان ڪي اهو ضرور ميٺو پوندو تہ مشرقي شاعرن پنهنجي مقصدن جي سموري حاصلات "تصوف" جي محبت ڀريي باغ وسيلي حاصل ڪئي. ڇاڪاڻ تہ "تصوف" مشرقي شاعرن جو "تهذيبي لاشعور" ۽ ثقافتي ورثو آهي. جيڪو وقت سان گڏ سفر ڪندو آسان جي نئين ٿهيءَ جي فڪري اُفقَ تي بہ ظاهر ٿئي ٿو. جنهن جو ڀرپور مثال نئين ٿهيءَ جي نمائنده شاعر "سعيد ميمڻ" جو فَنُ آهي. سعيد وٽ منفرد اسلوب ۽ سادن لفظن ۾ فڪري گهِرائِي آسان جي ڪلاسيڪي شاعريءَ جهڙي آهي. سندس شاعريءَ ۾ تصوف جو رنگ جمالياتي انداز ۾ نظر اَچي ٿو. جنهن ڪري چوڻو پوي ٿو تہ، "سعيد جي شاعري برصغير جي فني پاڪيزگيءَ جي سڃاڻپ سان گڏ ذهني شائستگيءَ ۽ تمدني رشتن جي تهذيبي خوشبو آهي." هن جي شاعريءَ ۾ برصغير جو ڪلاسيڪي شاعراڻو ردم ڪبير، غالب ۽ ٽيگور جي پايي جو نظر اَچي ٿو. سندس شاعريءَ ۾ ڪائنات جا "ابدي قدر" پنهنجي ادراڪي حرارت سبب صدين تائين انسان ڪي حرڪت ۾ آڻڻ جي سگهہ رکن ٿا. سندس هرهڪ لفظ مٿان ڪيفيت جو لباس پنهنجي اصلي رنگ ۾ ظاهر ٿيل آهي ۽ لفظن جي وجود ۾ فڪري تاثر جو مڪمل اظهار ٿيل آهي جنهن ۾، وجداني سگهہ جو بہ ڀرپور استعمال ٿيل آهي. "ڪروچي" جو خيال آهي تہ، "فَنُ وجدان جو مڪمل اظهار آهي." سعيد، مشهور اطالوي فلسفي "جين ٽيل" جي راءِ مطابق بہ سگهارو نظر اَچي ٿو جنهن، چيو آهي تہ "فن احساس جو ناءُ آهي" ڇاڪاڻ تہ سعيد جي شاعريءَ ۾ شاعراڻي حساسيت بہ موجود آهي. جنهن جو ثبوت سندس هن شعري مجموعي "نيڻ سفر ۾" پڙهڻ سان هر جاءِ تي ملندو. هرهڪ غزل سعيد جي فني فڪري پختگيءَ جي ڄاڻ ڏئي ٿو.

اسان جيڪڏهن سنڌي غزل جي تاريخ تي نظر وجهنداسين تہ سنڌ ۾ غزل جي شروعات "نور محمد خستہ" کان ٿي آهي. جنهن کان

پوءِ باقائده غزلگو شاعرن جو سلسلو شروع ٿئي ٿو. جيڪو سچل سرمت کان ٿيندو آخوند گل محمد گل وٽ پهچي ٿو. جنهن سنڌي غزل جو پهريون ڪتاب "ديوان گل" بمبئيءَ مان ١٨٦٦ع ۾ ڇپائي سنڌي غزل جي تاريخ ۾ اعزاز حاصل ڪيو.

غزل جي صنف آسان وٽ فارسي شاعريءَ جي معرفت پهتي جنهن جي، وجود ۾ فارسيت ۽ ايراني مٽيءَ جي خوشبوءِ هئي. سنڌ ۾ به غزل جي شروعات فارسي غزل سان ٿي. پر پوءِ آهستي آهستي اهو سنڌي شاعريءَ جي مکيه صنف بڻجي ويو. پر، اُن جو هڪ تاريخي سلسلو آهي. شيخ عبدالرزاق "راز"، "سنڌي غزل جو تجزيو" پيش ڪندي لکيو آهي تہ "گل جي شاعريءَ ۾ فارسيت گهڻي، سنڌيت جو عنصر وڌيڪ نظر اچي ٿو. سندس غزل تصوف جي رنگ ۾ رنگيل آهي." هن ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو بہ حوالو ڏنو آهي جنهن جو چوڻ آهي تہ، "نجُ سنڌي غزل جو مجسمو خليفي گل محمد گل تيار ڪيو ۽ اُن ۾ ساهہ بہ وڌو مگر، اهو غزل اڃان پارڙو هو ۽ لباس زيب زينت کان محروم هو."
شيخ صاحب پين غزلگو شاعرن لاءِ چوي ٿو، "قاسم جي غزل ۾ حسن ۽ عشق سان گڏ اخلاقي قدرن جو عنصر غالب نظر اچي ٿو. جيڪو، غزل جي لوازمات سان ٺهڪي نٿو! "فاضل" غزل جي زبان کي نرم ۽ سليس بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هن وٽ داخليت جو ڀرپور انداز نظر اچي ٿو. "حامد" جو غزل فارسي غزل جي ويجهو آهي. "گدا" غزل جي ٻوليءَ ۾ ميناج پيدا ڪري غزل کي ڪجهہ نئون موڙ ڏنو. "سانگي" رومانيت پسند شاعر هو. "مرتضائي" روايت جي دڳ کي نہ ڇڏيو! شمس الدين "بلبل" جي غزل ۾ تغزل گهڻو آهي! "خادم" وري عشقِ رسول جو ذڪر ڪيو آهي. "واصف" وٽ بہ فارسيت گهٽ نظر اچي ٿي. غلام احمد نظاميءَ حالتن ۽ ماحول کي سمجهڻ جي ڪوشش سان گڏ غزل جي صحيح روح جي عڪاسي ڪئي آهي. ان ڪانپو غزل نئين دؤر ۾ پير پاتو جتي، شيخ اياز جهڙي مهان شاعر اُنَ ۾ تاريخي تبديلي آندي.

آياز غزل کي مقامي ”گيڙو ويس“ ڍڪايو. اياز نہ صرف غزل جي تشبيهن، علامتن بلڪہ اُن جي فڪر، آنداز کي بہ تبديل ڪري بلڪل سنڌي غزل بڻايو. اياز قادري پنهنجي ڪتاب ”سنڌي غزل جي اوسر“ ياڳي ڀڱين ۾ لکيو آهي تہ، ”نياز همايونيءَ غزل ۾ انقلابي ۽ قومي رنگ کي وڌيڪ جاءِ ڏني آهي. شمشير الحيدريءَ جديد لاڙن ۽ نون قدرن کي پيش ڪيو. تنوير عباسيءَ فڪري جديديت طرف توجهہ ڏنو. امداد حسينيءَ غزل ۾ تازگي پيدا ڪئي، تاج بلوچ جديد ۽ قديم خيالن جي چٽسالي ڪئي، وفا ناٿن شاهيءَ غزل کي هِڪَ انوکي نواڻ، رومانوي تشبيهون ۽ فڪري سگهہ بخشي ۽ نارائڻ شيام غزل جا پراڻا پيچرا ڇڏي نون خيالن، امنگن، ۽ انقلابي راهن کان آشنا ڪيو.

اٺين غزل وري ادل سومري، اياز گل، تاج جويي، واجد، زيب سنڌي، غلام نبي گل، محمد علي پٺاڻ ۽ ٻين شاعرن وٽ پهچي ٿو. ان دؤر ۾ اياز گل غزل کي تشبيهي توڙي فڪري انداز سان هڪ نئون رُخ ڏنو. هن دؤر کان پوءِ غزل نئين ٿهيءَ جي شاعرن وٽ پهچي ٿو جتي سعيد ميمڻ، وسيم سومرو، وشال، بخشل باغي، آياز جاني، سرتاج جاگيراڻي، عبدالحميد آس ڀِٽِي، مظهر لغاري، جواد جعفري، حسن درس، جمن سوهو، بادل، اقبال رند، خليل عارف سومرو، شوڪت نوناري، فهميده شرف بلوچ، رخسانہ ”پريت“ چنڙ، روبينہ ابڙو ۽ ٻين شاعرن ۽ شاعرائن غزل ۾ پنهنجو اظهار ڪيو آهي ۽ هن صنف ۾ پنهنجا تخليقي جوهر ظاهر ڪن ٿا.

نئين ٿهيءَ ۾ سعيد جو غزل تاريخَ جي تهذيبي عمل جي سگهاري شعور سان نهايت پختو نظر آچي ٿو. هن فڪري اظهار تصوفياڻي انداز ۾ ڪيو آهي. فارسي شاعرن سعدي ۽ حافظ وٽ بہ غزل فڪري اعتبار کان تصوف جي پوشاڪ سان ڍڪيل آهي. تڏهن تہ چوڻو ٿو پوي تہ سعيد جو فن برصغير جي شاعريءَ جو تاريخي آواز آهي. سندس شاعريءَ ۾ مشرق جو ڪلاسيڪي شعور ۽ صوفياڻو ردم شامل آهي. هن غزل جي

روايتي اک ۾ قيد ٿيڻ بجاءِ موضوع ۽ اسلوب جو هڪ نئون تجربو ڪري نه صرف پنهنجي دؤر جي هڪ پوري نسل کي متاثر ڪيو آهي پر ايندڙ دؤر جي شاعرن لاءِ به هڪ تجرباتي ڪلاسيڪي ادارو قائم ڪيو آهي. جنهن ڪري سعيد جي فن کي ڪلاسڪ جو درجو ڏئي سگهجي ٿو. ٽي. ايس ايليٽ جي ڪلاسڪ بابت راءِ آهي ته "اهڙو فنُ جيڪو، پنهنجي رسمي پابندين سان گڏ، ڀرپور قوت ۽ جامعيت سان احساسن جو اظهار ڪري جنهن سان، قوم جي فڪري مزاج ۽ ڪردار جي نمائندگي ٿئي." ٽي.ايس ايليٽ جي راءِ کان پوءِ سعيد جو هي غزل پڙهو جنهن مان، سنڌي شاعريءَ جي فڪري مزاج جي خبر پئجي سگهي ٿي؛

جاڳي موهن-شهر ۾ جذبات آ
تون ڪٿي آن ناچڻي! چنڊ-رات آ؟
ڇا ته ٿي خوشبو اچي مٽيءَ منجهان
ڄڻ پئي خوشبوءِ جي برسات آ.
چنڊ سا چاچي ستارا رات جو
ڪنهن جي موهن- شهر ۾ بارات آ
اَڄ ڪهڙين جي ماڻ ماري ٿي پئي
ناهه ڪا اَڄ وِڄ نه ڪنهنجي بات آ
چنڊ اِستوپا مٿان گهوري پيو
سونهن سارِي ٿي وَئي ڪنڊرات آ.
مان جڳن کان پيو ليڪان مٽيءَ اندر
هيءَ وڏي تاريخ ۾ سڪرات آ.
او مٽي! گونگي مٽي! ڪنهن کان پڇان؟
"ڪير ويو هِن شهر کي ڏئي مات آ؟"

مٿيون غزل هيئت توڙي خيال جي اعتبار کان نهايت پختو غزل آهي. غزل جي جذبن ۽ احساسن جي حرارتي ڪيفيت صديون زنده رهندي. انهن سادن لفظن جي قالب ۾ فني خوبصورتيءَ سان گڏ فڪري مزاج به لازوال نظر اچي ٿو. جنهن ۾ نه صرف پنهنجي تهذيب، ثقافت

سان ڀرپور سڪ، محبت جو جذبو شامل آهي پر، ويرانيءَ تي ٻه شدت سان افسوس ڪيو ويو آهي. مُهين جو دڙو نه صرف اسان سنڌين جي سڃاڻپ آهي پر، عالمِ انسان جي سماجي، سياسي، فني، فڪريءَ روحاني زندگيءَ جي تاريخ آهي. سعيد نهايت سگهاري ادراڪ وسيلي مهين جي شهر جي ويران گهٽين جي خاموشي، چنڊ جو اسٽوپا مٿان اچي بيهڻ، ناچڻيءَ جي تلاش، مٽيءَ کان سوال ڪرڻ جهڙن منظرن ۽ ڪيفيتن جو بيان ڪيو آهي پر، اُن جي پس منظر ۾ هڪ تاريخي ڏاهن وسيلي اَسان جو توجهه ڇڪايو آهي. هِي غزل سندس ذهني ۽ روحاني ڪيفيتن ۾ ٻڏل نظر اَچي ٿو. تڏهن ته هيڊيگر (Hidigger) چيو آهي ته "شاعريءَ ۾ انسان پنهنجي روح جي لڪيل گهِرائين ۾ ٻڏي وَڃڻ کان پوءِ ئي سڪون حاصل ڪري ٿو ۽ سندس فَنَ ۾ ٻه روح جون اُهي سيئي ڪيفيتون موجود هونديون آهن."

سعيد جو هِي غزل پڙهو:

هِڪَ اَچي ڪپڙي ۾ ٿو لِڪري وَڃان
زندگيءَ! تو کان مِنيءَ! ناراضُ هان
ڪنهن چيو توکي ته ناهجَ آرسِيُون
ڪيترو ڪنهن کي جهليندين چوٽَ کان؟
هُو روانا ٿِي وَيا آڪاشَ ڏي
پئي اَسان بيهي ڏنو ڌرتيءَ تان!

هِن غزل تي راهه ڏيڻ کان اڳ ڪيٽس (Keats) ياد ٿو اَچي. جنهن چيو آهي، "شاعريءَ کي اهڙو هئڻ گهرجي جو پڙهڻ واري کي اهو محسوس ٿئي ته خود اُن جا بلند ترين خيالات ڪنهن ٻئي جي زباني اَدا ٿيا آهن." مٿئين غزل ۾ جيتوڻيڪ سعيد جي داخلي ڪيفيت جو اظهار ٿيل آهي پر، هن پنهنجي فنڪاراڻي صلاحيت وسيلي اهڙي نموني اظهار ڪيو آهي جو اهي شعر دنيا جي هر ماڻهوءَ جي احساسن جي ترجماني ڪري رهيا آهن. ڀرين شعر ۾ رَسامي واري ڪيفيت نهايت

درديلي نفاست سان پيش ڪيل آهي. ٻئي شعر جا احساس شيشي جي نوڪن سان زخمي ٿيل آهن ۽ آخري شعر ۾ حسرت جي ڪيفيت جو اظهار ٻه ڀرپور ۽ شاعرائي نموني ٿيل آهي. غزل جي فڪري ڪيفيتن مثان ڪوبه "ڏنڌ" چڙهيل ڪونهي. بلڪ، جذبي جي ڪيفيتي چِمَڪَ سان اُجريَلَ آهي.

سعيد جو هِي غزل ٻه ڏسو!

زخم ســـــارا سِيِءَ رهـيـــو آهـيـــــان
تـون نَـه آهـين ٻِـه جي رهـيـــو آهـيـان
گـهـرَ جي پـارَتَ هـجـڻ او تـنـهـائِي!
مــان سـفــر تي وَڃي رهـيـو آهـيـان
مـون ڪي مـٽـيءَ مـان ڇـو ٺـاهـيو تـو؟
او خُدايـا اِيَرِي رهـيـــو آهـيـــان.

مشهور انگريز نقاد آرٿر ڪلائيو هوورڊ بيل جو چوڻ آهي تہ "عظيم فن جي اِها نشاني آهي تہ اُن جي اثر انگيزي عالمگير ۽ ابدي ٿيندي آهي." هاڻي جيڪڏهن اسان مٿين غزل جي اثرانگيزيءَ تي ڌيان ڏيون تہ ضرور محسوس ٿيندو تہ سعيد جي شاعري انساني طبيعت ۾ ڪيفيتي تاثر پيدا ڪرڻ جي ڀرپور سگهہ رکي ٿي. ڇو تہ غزل جو ڪيفيتي اثر عالمگير ۽ ابدي نظر اچي ٿو. سعيد جذبي جو ڪلاسيڪي انداز ۾ اظهار ڪيو آهي. جنهن ڪري انساني جذبات ۾ پنهنجي تخليقي قوت وسيلي چِمَڪَ پيدا ٿئي ٿي. غزل ڪرب جي ڪيفيت سان ٽمٽار آهي. "زخمن جو سبڻ" "تنهائيءَ کي گهرجي پارَت ڪرڻ" خدا سان شڪايت تہ "مون ڪي مٽيءَ مان ڇو ٺاهيئہ؟" نہ صرف عملي ڪرب ۽ نفيس ڪيفيتي ذاتي جو اظهار ڪن ٿا پر مٽيءَ جي پُرڻ واري تشبيهہ پنهنجي فطري سچائيءَ سان گڏ انسان جي فنا واري المياتي داستان کي بيان ڪري ٿي.

سعيد جو ٻيا هِي غزل پڙهو:

وڻَ جي هيٺان وينو آهي اوسيئڙي ۾
جڻ تہ جڳن کان وينو آهي اوسيئڙي ۾.
اجرڪ تي هُو رکي پنهنجو تنبُورو
اُن جي پرسان وينو آهي اوسيئڙي ۾
لِڪَ ٿڪل ۽ دزَ صدين جي ڪپڙن تي
ڪير آ جنهن کان، وينو آهي اوسيئڙي ۾.
ايندڙ چولين ۾ جڻ ڪنهن کي ڳولي ٿو
سنڌو متان، وينو آهي اوسيئڙي ۾.

هن غزل ۾ اوسيئڙي جي ڪيفيت جو اظهار نهايت فنڪارانہ صلاحيت سان ڪيو ويو آهي. جو وڻ جي هيٺان وينل ماڻهو، آجرڪ تي رکيل تنبوري جي پرسان وينل فرد. ٿڪيل جسم جي ڪپڙن تي صدين جي اوسيئڙي جي "دزَ" ۽ سنڌوءَ پڪَ تي وينل شخص جي چوڌاري جيڪا تنهائي سعيد محسوس ڪئي آهي، تنهن کي روحاني ڪيفيت جي گرميءَ سان پيش ڪيو آتائين. جنهن ڪري تنهائيءَ جي ڪيفيت جو ذاتي عڪسي وجود سان گڏ محسوس ٿئي ٿو. غزل جو لهجو توڙي فڪري انداز صوفياڻي نموني پيش ٿيل آهي ۽ سنڌي شاعريءَ جي تهذيبي روح جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. سندس شاعرانہ خيال جي شخصيت هڪ مڪمل وحدت سان گڏ روحاني تجربي گاهہ جي عڪاسي ڪري ٿي. ائين ٿو محسوس ٿئي تہ سعيد اوسيئڙي جي ڪيفيتي ذاتي کي حِسياتي زبان سان چکڻ کان پوءِ اُن کي ڪلاسيڪي تصوفياڻي رنگ ۾ پيش ڪيو آهي.

مَن جي مسجد ۾ ڏکَ نمازين جيان
دردُ ڏي ٿو آذان، سيني ۾.

●

خوردبينيءَ سان ڏليسون پنهنجي ذات
هُئي آسان ۾ ٺي سموري ڪائنات.

سچ پڇو تہ مٿين مصرعن (بندن) کي پڙهي احساس ٿئي ٿو تہ سعيد غزل جي ڪلاسيڪي ۽ ثقافتي تاريخ جي ڊيبل آواز کي وري زنده ڪيو آهي. خيال کي صوفيائي انداز ۾ پيش ڪرڻ سان گڏ هن غزل جي صنف کي هڪ نئون مزاج بخشيو آهي. ساڳئي انداز ۾ پيش تيل هِي شعر پڙهو؛

هَٿَ ملائي خدا سان مان چوندس ڪِلي؛
"تُنهنجو بَندو نَہ هان، دوست هيُون پاڻَ ۾."

هي شعر سعيد جي فڪري آڏامر جو سگهارو اظهار آهي، جنهن ۾ مالڪ ۽ ٻانهي جي وچ ۾ ڪنهن بہ حجاب جو پردو نہ رهيو آهي. آقا ۽ غلامر واري تصور جي نفي ڪري سعيد دوستيءَ جي رشتي جي اهميت کي ظاهر ڪيو آهي. اِنَ قسم جي فڪري آڏامر مشرق جي چند شاعرن وٽ آهي.

آسان جو رَبَّا تو هٿن سان، مجسمو ناهيو
مٿي چڙهي تي وَجي تنهنجي شاهڪارَن تي!

مان سمجهان ٿو فقط، هڪ صوفي ئي خدا سان ان قسم جي گفتگو ڪري سگهي ٿو. خدا جي شاهڪارن مٿان مٿيءَ چڙهڻ جي علامت وسيلي انسان جي مڙني منفي روين جو ذڪر ڪيو ويو آهي. آسان کي ميٺو پوندو تہ سعيد جي شاعريءَ جو خَمير برصغير جي صوفيائي فڪر مان جڙيو آهي. سندس هِي شعر تصديق آهن؛

ساڻُ آهيون سعيد! صوفيَن سان
شاهہ، رومي، سيٺي ڪَئي آهن.

* *

انسانيت کي مون آهي اَپنايو
مسجد، مندرَ، ڪيڏو پُٺتي رهجي وِيا.

مٿين مصرائن ۾ سعيد پنهنجي شعوري ۽ فڪري ڊگهَ جي نشاندهي

آخر ۾ آسان کي اِها راهه ڏيٺي پوندي تہ سعيد پنهنجي دؤر جي شاعريءَ جو "سگهارو شعور" آهي. سندس فن ۾ تشبيهن جي صوفيائي استعمال سان گڏ انهن جي خارجي عڪسن ۽ اندروني سٽاءَ ۾ هڪ ڀرپور معنيٰ ۽ مقصد بيان ٿيل آهي. سعيد علامتن کي تهذيبي شعور سان پيش ڪيو آهي. مشرقي شاعريءَ جي ثقافتي قدرن مٿان جيڪو تصوفي رنگ چڙهيل آهي، سعيد سادگيءَ سان اُن کي وڌيڪ خوبصورت بڻايو آهي. وقت هن جي فنَ کي جمود ڏئي نہ سگهندو ڇاڪاڻ تہ هن جي شاعريءَ جي فني توڙي فڪري وجود ۾، ڪائناتي ڦهلاءُ آهي. سعيد جي شاعريءَ جي زمين ثقافتي فڪر سبب ذرخيز آهي. جيڪا، هر دؤر ۾ انسانن جي جذبات ۽ محسوسات کي تازو ۽ صحتمند ڪندي رهندي ۽ هن جي شاعري انسانن جو اجتماعي ورثو بڻجي ويندي. سعيد جي شاعريءَ جي اُتاهين خوبي اِها آهي تہ سندس شاعريءَ ۾ آفاقيت موجود آهي. جيڪا عظيم شاعريءَ جي سڃاڻپ آهي. هن جي شاعريءَ ۾ هر دؤر جو احساس ۽ ادراڪي شعور موجود آهي. سعيد نہ صرف سنڌي شاعريءَ بلڪہ برصغير جي شاعرائي احساس جي ثقافتي ورثي کي پنهنجي دؤر جي روحاني آواز ۽ اينڌڙ وقت جي شعور سان جوڙيو آهي.

ياسين بلوچ

عاقل

١٥ جولاءِ ١٩٩٦ع

مَنَ جو خالي پَنو، مون جو ڪولي رکيو،
هڪ حسينا آچي، پنهنجو نالو لِکيو.

ڪنهن جي يادن جون ٽِڙيُون ٽَوَنُون ٿِيون،
ڪو سڄي رات صحرا ۾ رلندو رهيو.

تنهنجي چهري جي تِرَ تي نظر ڇا پئي؟،
پيو ڪو منظر اکيُن ۾ نہ ترسي سگهيو.

منهنجي عينڪ جا شيشا ئہ ديوارَ ها،
تو اکين ۾ آچڻ ٿي ئہ چاهيو هُيو.

ڪين نڪري سگهيُس، آلا ڪوليءَ منجهان؛
پٽ جي سوراخ مان مون زمانو ڏِٺو!.

هُو وڏا ٿهڪ ڏيندو هو ٽوٽا هٿي،
سعيدُ گرُ سُرُ آ آچڪلهہ آلائي تہ ڇو؟.

هُوءَ ياد مونکي آئِي، ڪلهه رات دير تائين،
پيڙا هُئي اَهائِي، ڪلهه رات دير تائين.

ڪمري ۾ هو انڌيرو، هُئي آڱرين جي وچ ۾،
سگريٽ جي سُهائِي، ڪلهه رات دير تائين.

ڪنهن ڪي آ منهنجي ڳُتي، آڪير جيڪو ڀُڄندو:
”ڇو پئي رلئين آجائِي، ڪلهه رات دير تائين؟“.

منهنجي وجود اندر، مَنَ ذهن سان وِڙهي پيو،
هلندي رَهي لڙائي، ڪلهه رات دير تائين.

آڪاشُ منهنجي مَنَ جو، ٻِ سارَ جا ستارا،
هُئي دل ۾ روشنائي، ڪلهه رات دير تائين.

برباد ٿي رهيو، هن جي ڪري اَجايو،
ٿي ... محبت ٿي توائِي، ڪلهه رات دير تائين.

حافظي جي دَرين کي کوليان ٿو،
ياد مڪڙيءَ کي آءُ ڳوليان ٿو.

چو نہ ڦٽ پات تي سُمهي پئجي؛
شهر ۾ پاڻ کي ڇو روليان ٿو؟.

هُوءَ تہ گم هُوندي گرم ياڪَرَ ۾،
آءُ جاڳي ڇو رات ڪاٽيان ٿو؟.

چنڊ! هُن چانڊنيءَ جي پارَت ڏَءِ!،
مان اَنڌيرن ۾ پاڻُ اَڇليان ٿو!.

سي بہ ٿي پَل ڇَپَرَ تي ڳَڌُ توسان،
سارِ ننڍڙي آ، پو بہ سانديان ٿو.

سعيدَ وائين کي تنهن پئي ساراهيو،
جنهن کي وائين ۾ مان تلاشيان ٿو.

ها اَسان عشق سَندا تِي وَيا ڪَتبا آهيُون،
تون اَچين يا نہ اَچين، پاڻ تہ بيٺا آهيُون.

ايتري سَٽَ نہ ڏي، يارَ! جيجي پَوندا سين،
ها اَسان سَٽَ ڪَڇي جائِي تہ ڏاڳا آهيُون.

او چري! سوچ تہ مان ڪٿ نہ اَچان ها توڏي؟،
حالتن پير جَهليا، چا ڪجي ڦاٿا آهيُون!.

خوش نصيبي آ اُوهان جي جو رَسِيہ منزل تي،
پاڻ کي پندَ مليا، پاڻ تہ رَستا آهيُون.

آسمانن تي وَيجوتا تہ، خُدا کي چئجو،
"هيٺ ڌرتيءَ تي آسان، توکان بہ وِسِريا آهيُون!".

خاڪ پئي آهہ رکو، باهہ وسي وئي آهي،
قافلو وِيو آهَليو، دير سان پُهتا آهيُون!.

سمند تي پيرَ اُگهاڙا، ءِ گهمون پيا گڏجي،
جاڳَ تِني آهہِ تہ ڪمري ۾ آڪيلا آهيُون!.

رَسِي سکهيُون نہ ڇڏائون، تہ نينڻَ ڀرجي وِيا!.
ڀِرِيُون نہ دل جون کَلائون، تَہ نينڻ ڀرجِي وِيا!.

لکون ها گيتَ گُلن جي حسين باغَنِ ۾،
رُلڻ لئہ رودَ ڏنائون، تہ نينڻ ڀرجي وِيا!.

ڪٿي نگاھہ اَجاري، ڏٺوسين صحرامان،
مَٿان وَسِيُون نہ گهٽائون، تہ نينڻ ڀرجي وِيا!.

جَنين تي ديدَ پوڻ سان ٿي لون ۽ ڪانداري،
ڪٿي نہ نينڻ ڏِنائون، تہ نينڻ ڀرجي وِيا!.

ملي سکهياسين نہ هُن سان ٿي ڄامشوري ۾،
مليُون اَهي ٿي هوائون، تہ نينڻ ڀرجي وِيا!.

آسان تہ ننڊ ڪَرڻ لاءِ نينڻ ٻُوٽِيا ها،
اوهان جو خوابُ لَڌائون، تہ نينڻ ڀرجي وِيا!.

ها، چارِ پيرَ، ڪِنارو۽ سُرمَئِي سانجهي،
ڪَنَن ۾ ڪينَ ڏِنائون، تَہ نينڻَ ڀرجي وِيا!.

اي خدا! آسمانَ ڏاهي ڇڏ!،
دل ڏَمي آ، جهانَ ڏاهي ڇڏ!.

ڪنهن ڪان ڳوليو ليان نـ دُنيا ۾،
منهنجو نالو نشانَ، ڏاهي ڇڏ!.

عشق جو ڪو گواهہ ئي ڪونهي،
دل چريءَ جو بَيانَ، ڏاهي ڇڏ!.

شهر وارن کي ڏي تو آئينا،
رات مَن جو دُڪانَ، ڏاهي ڇڏ!.

هُو نـ متيءَ جي هَنجَ مان آئندو،
آسَ جو آستانَ، ڏاهي ڇڏ!.

جي هلين تو آسان فقيرن سان،
هِي وڏائي، هِي مانَ ڏاهي ڇڏ!.

يا خدا! دل جي يَرِ خلائن کي،
يا زمانءِ مڪانَ، ڏاهي ڇڏ!.

پائي تنهنجي ڪَمِي، وَيا آهيُون،
ڏورڏاڍورَمِي، وَيـــا آهــــيُون.

شــاعـــري تُون پــڙهــي رَهِي آهــين،
نيــڻ تــنــهــنجا چُمِي وَيــا آهــيُون.

بــيــنــو تِرُ آ آجان آڪـــيُن آڏو،
تــنــهــنجي ڳِلَ تــي جِمِي وَيا آهــيُون.

سونُهن تنهنجي خُدا جا جَلوا هِن،
تــنــهــنجي آڏونِمِي وَيا آهــيـــون.

تـــو ڏنـــي آرسِي آ جادُوءَ جي،
تــي آسَــان طــلــســمــي وَيا آهــيُون.

رات ويــلــي ٻَئِي اڪـــيُون اَليُون،
تِي آسَـــان شـــبــنَمِي وَيـا آهــيُون.

ســـعـــيـــد! آگر وَئِي يــتــائِيءَ جي،
ڪــائــنــاتُون گـــهُمِي وَيـا آهــيُون.

دل ۾ ڪا جاءِ ئي بچي ناهي،
هاڻ ڪنهن جي ٻہ ڪاڪمِي ناهي.

ٿون اَجان دار ڪان پَري آهين،
عشق جي اِنتها تہ ٿِي ناهي.

مَن جو آنگڻ اَجو آ صحرا جيئن،
مَن تي بارش اَجان وَسِي ناهي.

تو ڏني آ قبول آ، ليڪن،
اي خدا! هِيءَ تہ زندگي ناهي.

اَڄ تہ ڪمري ۾ يي اَنڌيرو آ،
اَڄ تہ دل ۾ بہ روشني ناهي.

پوءِ ڇا جا هِي اولڙا آهِن؟،
ڪنهنجي هَٿ ۾ بہ آرسي ناهي.

هُن جو چولو ڇَتيُون ڇَتيُون آهي،
هُن جي دل يي مڪر سِڄي ناهي.

نِرڙ تي هَٿ رکي نِهاري ٿِي،
هُن جي ٻيڙي اَجان ٻُڏي ناهي.

منهنجي عينڪ جا صافُ هِن شيشا،
هُنجي تصوير ئي ڇِڻي ناهي.

جنهن جي پِٺيُن تي مون ها نانوَ لکيا،
سعيد! ڇا هِيءَ اُها ڳِهٽِي ناهي؟.

هُوءَ نہ آچڻي آ، دَرُوَرائي ڇڏ!،
اُٺ! سُمهِي پَئُہ! ٻَتي وِسائي ڇڏِ!.

عشق بادَل جِيان وَڃي ٻڏڪي،
منهنجو خَطُ واءُ ۾ اُڏائي ڇڏ!.

هاڻ ٽُڪرا وَتِين ٽُو ميڙِيندو،
ڪنهن ڇَپَرءِ پاڻُ اِڱين وِرهائي ڇڏ!.

عشق جي پنڌ ۾ جي نڪتو آن،
ماڳَ جي آسَ ڦِي ٻُلائي ڇڏ!.

مُن ڇَرڻي خودڪشيءَ جو سوچيو آ.
ڪيس اِنَ ڳالهہ تان هَٽائي ڇڏ!.

چندُ نڪتو آ، پَلوِڙي پويان،
سعيد! اَنَ سان اکيُون ملائي ڇڏ!.

وَفا جي ٻُوندَ جِي حسرت ڪٿِي وَيا آهن،
آلائي ڪاڏي هَوا ۾ ڇٽِي وَيا آهن.

خَبرَ پوي تہ اُنهن جون اکيُون وَجي ڇُمجن،
آلائي ڪيراوهانکي وٽِي ويا آهن؟.

اَسان جي عشق کي اَڄَ هُئي سَمُوندَ پيڻَ جي،
رکي ڇپن تي اَسان جي ڪَٽي وَيا آهن!.

اَسان جا وارَ تلاشِن تا آگريُون جَن جُون،
اَجان تہ ڏئِي نہ هَٿن سان، ڦٽِي وَيا آهن.

خبر اَتن تہ اَسان جي رنگين طبعيت آ،
تڏهن تہ رَتَ جا ڇَنڊا هُو، هٽي وَيا آهن.

هِنئين جي ڌانُهن غزل جو وٺي جو روپَ اَتِي،
هُو واهہ واهہ ڪري سا، سِٽِي وَيا آهن.

پَيا تا ماڳَ جي پويان جَنم جَنم ڀٽڪُون،
آلائي ڪاڏي هِي رستا ڪٽي وَيا آهن.

نفيس هَٿَ ۾ قلم هو، ڪَنائُون لفظن سان،
سعيد خوابَ، اَسان جا، لٽِي وَيا آهن.

هي زمان ۽ مڪانَ جا رستا،
ڪنهن وَڏي داستانَ جا رستا.

رات آيو جنُون مُستيءَ ۾،
۽ کِلي پيا جَهانَ جا رستا.

آ شبِ قدر سيرَ تي نِڪرُون،
تا سڏَنِ آسمانَ جا رستا.

مَنَ جي دنيا آ هڪ حسينا جِي،
لوڪَ سان هِن زبانَ جا رستا.

مان تہ آهيان اَڏامند ڙوارِي،
ڇا ڏسِيان آستانَ جا رستا ؟.

سعيد جي زندگي، تتل صحرا،
شاعري، گلستان جا رستا.

جستجو ڪنهن جي اَچان هُئي ساهہ ۾،
زندگي ماري ڇڏيو تو راهہ ۾.

رات تنهنجي ياد جي هڪ چٽنگ مان،
پيا ٻري ڏيئا سوين اونداهہ ۾.

مان تہ هان ڦٽنجي پيو شيشا ڪٽي،
ڪير آ منهنجي اندر پيچ ڊاهہ ۾؟.

روشنيءَ جو هُو چريو عاشق هُيو،
نيٺ سادو ويو سڙي آڙاهہ ۾.

رات چوڏهينءَ مان ڪپڙ تي ماٿ ۾،
جو پيئون چولئيون لڇن درياهہ ۾.

شهر ۾ رڪشا تي نظرون طنز جون،
ڏس مزو آهي سفر جي چاهہ ۾.

سعيد! توڏي دوستن جو قرض آ،
ڏارَ پٽجي ويا پرين! ويساهہ ۾.

اوهان جي جسم جي خوشبو اَچي، مِلي آهي،
اوهـــان جي يـــاد جي آڌيءَ دَري کُلي آهـــي.

اوهان پري نہ ڪَيو هِنَ حسين چهري کي،
آسـان ڏ َڪيُون ٿـا اکين کي نظر پِلي آهـي.

هَوا! ڇُهين تہ بدن هَن جو هو رڙيان ڇُهجان!،
نـفــيس آهـڙي نہ ڀي بــاغَ ۾ کِلي آهـي.

اوهان جي پويان سفر ۾ جو پيرَ نڪتا هن،
ٿِي همسفر آ آسـان سـان، رَئي رِلي آهـي.

ٿون پنهنجي رُوحَ جي گهِرائِيُن ۾ گهوري ڏِسُ،
ڇا توکي ڪنهنجي نہ تصويرَ اَتِ ملي آهي؟ .

اچين آسـان ڏي تہ اچجانُ سمونڊَ جي وچ ۾.
سـعـيدَ! عـشقُ آسـان جو نہ سـاحِلي آهي.

حسين شامَ، سمنڊ، گيت ۽ اُوهان ٻيئي،
مان رَبُ ھجان ها، سرشتي ڇڏيانوَها ڏيئي.

اوهانجي تِرَ کي ڇپن جن ڇُميو آ سانجهيءَ جو،
سي جاڙا چنڊَ تِي چمڪن ٿا رات ٿيندي ئِي.

هِي دل نِنڊَ آ، اِنهيءَ جي نَہ ڪائي ڳَنڍي ڪَرِ،
اَڃان بہ ڌڙڪي رهي آ، اَڃان هَلي پيئِي.

هِي زندگي، هِي ڪَوِيتا، هِي تنهنجو اوسيئڙو،
ها ساڳي گهر ۾ رَهُون ٿا اَڃان، آسان ٿيئِي.

هُيو جُنونُ سفر جو، جَنِين جي پيرَن کي،
اُنهن کي ريت ئي رِڻَ جي، ڪِٿي لَٿي ويئِي!.

نَہ ڪٿا لکيل پنهنجي عشق جي، نہ خبر ڪَنهين کي آ حالَ جِي،
مِي زمين آهہ وَرقَ جَيان، ۽ آسان نشاني سَوالَ جِي.

وَجي منزلن کي چٺي ڇڏيو، آسان پيرَ پنهنجا ڪِٽي ڇڏيا،
نَہ ڪنداسين پندَ جنونَ ۾، نہ ڪاجَهلَڪَ ڏِسِبي خُماڻ جي.

هو آسان جي وِچَ ۾ مفاصلو، تنهنجا وارَ ڪين تِيا ڄانورو،
أسَ ۾ تَہ پوبہ نَہ آهِيُون، ها ملي آ ڄانو زوال جِي.

جي غزل لکيا آسان عشق ۾، سي وَرقُ ورقُ تِي اُڏِي وَيا،
ها شڪست پنهنجي ميحون پِيا، ها سزا ملي آ ڪمالَ جِي.

ڏِسَ پو تَہ ڪٺن ٿا پِيَڙَڪَيُون، آسان پاڻ پنهنجي ٿي باهہِ کي،
مِڪَ تيلي صرف زِيانُ ڪَرِ! آسان پِنڊَ آهيُون پَلالَ جِي،

اڙي سعيد! ڪيڏو تون سادو آن، هڪ مرڪ تي پٺين موهجي،
نہ اَدا هئي اَها پيارَ جي، اها پَل آ تنهنجي خيالَ جي!.

نَہ اسمانُ هِي سارو، اکيَن ۾ ٻيٺو آ،
آسان جي هِڪُ ئي سِتارو، اکيُن ۾ ٻيٺو آ.

اکيُون ملائي ڇڏيُون ٿَہِ، ڀَڏي وَيا آهيُون،
ڪٿي نہ ڪوئي ڪِنارو، اکيُن ۾ ٻيٺو آ.

سفيد ويس ۾ ڪرسيءَ تي سامُهون چانڊوڪي،
سو چهرو چنڊ جان پيارو، اکيُن ۾ ٻيٺو آ.

ڏِسون تہ ڪاڏي نِئين ٿو، آسان جي پيرن ڪي؟،
آڪيلا پاڻَ ۾ چارو، اکيُن ۾ ٻيٺو آ.

هُو پنهنجي روح جي ڳولا ۾ هو، وَيو گم ٿي،
سعيدُ شخص هو نيارو، اکيُن ۾ ٻيٺو آ.

سُرمئي شام جا سَپ سير وِڃايا آهن،
تنهنجي راهُن ۾ آسان پير وَڃايا آهن.

"تاڪ منجهند جو رلين چو ٿو؟" پڇيو واچُوڙَنِ،
"تنهنجا صحرا ۾ پلا ڪير وڃايا آهن؟"

اَڄ نظر آئِي آن، ڪيڏي نہ ڇِڄِي وئي آهين!،
تنهنجي جوڀن جا ڪتي ڀير وڃايا آهن؟.

جن جي خاطر ها لکيا، سي ئي نہ مليا جڏهين،
ناهہ ڳُٽي جي سيئي شعر وِڃايا آهن.

ها آسان ڪي بہ اڳي پوءِ اَڏي وَڃڻو هو،
وقتُ طوفانُ اَجنهن ڍير وِڃايا آهن.

گهنجَ ڇهري ۾ ڪٽي، ڏِيدَ گهٽائي پُهتين!،
هَن جي ڳولا ۾ وئين، عُمر وڃائي پُهتين!.

تون ته نوڻن تي گهمين ها، جي ڇڏين ها سَچَ ڪي،
راهه ڪنڊن جي وَتَنَ، پير ڦٽائي پَهتين!.

ڳوٺ تنهنجي جي مٿان، نيڻَ سِتارا ٽِي پيا،
اِئين نه ڇنجانِ ته پرين! "جو نَه آلائي پَهتين!.

تنهنجي خاطر ئي ته آ پنهنجي ڪَوِيتا پياري،
ڏات منهنجيءَ ۾ پرين! پاڻُ سَجائي پُهتين!.

سعيدَ! ننڊ پڻ ۾ هُئين ڪيڏو نَه تُون واتوڙي،
اَڄُ آن خاموش طبع، چَپَ سِبائي پُهتين!.

لاشَ منهنجي ڪَي جَلايو، مان هَوا تِي ويندسُ،
آسمانن ۾ وَڃي، سَردُ صَدا تِي ويندسُ.

مون پتائيءَ کان تصوف جو سَبَقُ وَرتو آ،
تو ۾ جئندس، جي پرين! آءُ فَنا تِي ويندسُ.

آءُ پنهجي ڇا حقيقت، ٻي ٻَدايان توکي،
مان ڪَٿا ئي تَہ هُيسُ، پوبہ ڪَٿا تِي ويندسُ.

هڪڙي ناريءَ جون اکيُون ٻئجي پيُون آئينا،
توکي سامهون تو ڏسان، توتي فِدا تِي ويندسُ.

عشق جو خَطُ مون اُماڻيو هُيو منصورَ هَٿان،
دار کي چُمُ تہ ڏِئي موتَ فَنا تي ويندس.

سعيدَ جي هَٿَ ۾ قلم ڏئي تو لکين ڪَوِتائون،
تو ڏني ذات آ . مان تنهنجي ثَنا تي ويندس.

تنها سفر ۾ روح جا واڪا مليا هُئا،
جيوَنَ جي واٽَ ۾ رڳو جهاڪا مليا هُئا.

صوفيَن جيان پسند هُئي سانت پاڻ کي،
پر دؤر ٿي هو آهڙو، ڌَماڪا مليا هُئا.

آڪاش تائين پنهنجي رَسائي نہ ٿي سگهِي،
چڙهندا رهياسين پاڻ کي ڏاڪا مليا هُئا.

باذوق آهين ڏاڍو، جماليات هَن جي ڏِسُ،
هِي سوچ ٿون نہ " ڪيس کي فاقا مليا هُئا".

ڪوئي مليو آسان سان نہ، بابا جيان سعيدؔ،
جي ٻي مليا آسان سان تہ، "ڪاڪا" مليا هئا.

صحرا صحرا تنهنجي پويان پٽڪيا ڪاموڙي،
ڪنهن ڪي ڪائي ڪَلَ نہ ڪاٿي پُهتا ڪاموڙي؟.

ڏينهن آسان جو گذريو پياري رُلندي روڊن تي،
رات اَسان جا توڏي نڪتا، سَپنا ڪاموڙي.

تنهائيءَ جي رڻ ۾ پاتَئُون وارِيءَ ڍَيءِ وارِي،
ساٿا ساٿا هَلندا پَئيءِ وِيا، لَتبا ڪاموڙي.

هَرَ هَرَ مڪڙو چهرو هُن جي چِتَ ۾ پئي چِٽڪيو،
هر هَرِ ڪائيندو تي آيو، تاپا ڪاموڙي.

چانڊوڪيءَ ۾ چمڪن ٽِيُون هُو پٿُون واريءَ جون،
ڏورَئُون ڏِسندي جڻ تہ لڳن تا، پاڇا ڪاموڙي.

رات پٽائي تَن سان گڏ هو، بيت ٻڌايئن پئي،
مَچَ جي چوڌاري ها، چُپ ۾ ويٺا ڪاموڙي.

صديُون گذريُون سعيدَ! اُنهن مان موٽيو ناهي ڪو
جڻ تہ اَسان ڪان ٽوڙي وِيا سَڀُ ناتا ڪاموڙي!

ماڳَ پنهنجا نَہ ها، ماڳ ڪاٿي مِليا؟،
پِيارَ جي پنڌَ ۾، پيچرائي رَليا!.

هُئي تمنا تَہ توکي ڏسون مُرڪندي،
هُوندَ آسان جي اکِيان ڪيترا گلَ کِليا.

تنهنجي تِرَ ۾ نَہ جن کي پناهُون مليُون،
نيڻ سي مون ڏٺا، عُمرِ ڀَرِ پئي رُليا.

شاعري جن جي توکي شفق تي لڳي،
سي تہ ساري عُمرِ سَجَ سامُهون جَليا.

گل پرائو هُيو ۽ چُمڻ تي گهرِيَئُون،
چَپَ پنهنجن ڏندن ۾ ئي ڦٽجي هَليا.

نيڻَ ڀرجي وَيا، روحُ رُنڊِجي ويو،
هائو جو هَرَ پرينءَ! ذات ۾ پو کِليا.

تنهنجي گلدان ۾ گل مرُڪي پَيا،
گلَ آسان جا مٽيءَ ۾ جڏهن پئي مِليا.

جَن پڙهيا پئي اُهي، نيڻ سمجهي وَيا،
رازُ جهپجي وَيو، لفظ ڏاڍو آليا.

آدات هان، پرين جتي آهن،
عشق ۾ فاصلا ڪٿي آهن؟.

عقل وارا! نظر نه ايندءِ هو،
مست توکان گهڻو مٿي آهن.

هڪ حسينا تڪي آسيني ۾،
سڀ خدايون سندم آجهي آهن.

شهر ۾ شور، رش ۽ دونهون هو،
۽ هو موتي ويا ڪچي آهن.

تي ڪراڙي آچي ملي آهين،
تنهنجا جلوا آهي ڪٿي آهن؟.

سمنڊ جي ريت تي ڇڏيا هئاسين،
پنهنجا پيرا نه سي اتي آهن.

ڊور سمجهي نه کِهل سياستَ ۾،
پير پنهنجا نه ڪنهن جتي آهن.

پاڻ هُونئَن ئي هُياسين مائيٽا،
جي چالئه ويا ڪٿي آهن؟.

ساڻ آهيون سعيدَ! صوفين سان،
شاهه، رومي، سيئي ڪٿي آهن.

هُوءَ جا ڪُون، اکــــيُن ۾ آ آئــــي،
هَرنــظــارولــڳي تــوسَرمــائِي.

ٿون ڪنارو نہ ٽِئين تَہ ڇاتي پيو ؟،
پــاڻ پــائــيوِيــاســين گهرائــي.

هاڻ سمجهيمُ سببُ سِرنــي جو،
هاڻ ســمـجهـيــر خُدا جي تنهائِي.

ســنــگــتــراشــي ڇڏي ڏنــي آمـــون،
مـورتي منهنجي تو جڏهن ڊاهي.

مــان پَهــاڙن ۾ ٿي رهــيــو آهــيـان،
هِيءَ پــتــــرن ڏنــــي آلالائِي.

تنهنجو نالو ڪنيُر جو ڪَوِتا ۾،
ڪــيــتــرائــي ڇڙي پَيــاجائِي.

سارو ڪمرو ٿي چاندني تي وِيو،
چنڊ چا ڏرَ جو هيٺ سُرڪائِي.

دل چوي ٿي تہ ڪو گناهُ ڪجي،
اَڄ پري ڪَرِهِي پنهنجي پاڪائِي.

نَہ آسمان هِي پنهنجو نہ پنهنجي ڌرتي آ،
اَسان تہ هستي بہ رَبَ کان اُڌاري وَرتي آ.

[illegible] ظر[illegible] آسان ڏي آهن جي،
[illegible]يار بيسي [illegible] جي [illegible] حسرتي آ.

[illegible] وري [illegible] سان نهي وٺي آهي،
[illegible] هوءِ اڄ ب[illegible] آ. اَڄان نَہ پَرتي آ.

پَتو پَيو آ، ڇڏيو آ تو ڄامشوري کي،
ڪٿي تہ ملبو پرين! ها وسيعُ ڌرتي آ.

اَسان جي ذات اوهانکي ڪنيي ڪٿي ايندي،
ضعيفَ آهيُون اَسان پَرَ، هِئين ۾ شَڪتي آ.

ڪٿي نگاهہ ڏسون تا، مٿي سِتارا هِن،
۽ هيٺ سمنڊ آ ڪارو ، اَسان جي ڪَشتي آ.

سڄي سِرشتي نچي ٿي اَسان جي سيني ۾،
سعيد عشق جي اَڄڪلهہ، عجيب مستي آ.

وڻَ جي هيٺان، ويٺو آهي اوسيئڙي ۾،
جڻ نہ جڳن کان، ويٺو آهي اوسيئڙي ۾.

اَجرَڪَ تي ھُورڪي پنهنجو تَنبورو،
اُن جي پرسان، ويٺو آهي اوسيئڙي ۾.

ٻِڪَ تڪل ۾ دڙَ صدين جي ڪپڙن تي،
ڪير آ جنهن کان، ويٺو آهي اوسيئڙي ۾.

ايندڙ چولئِن ۾ جڻ ڪنهن کي ڳولي ٿو،
سِندڙمتان، ويٺو آهي اوسيئڙي ۾.

رستن ۾ جي پاندي پٺتي رهجي ويا،
تن لئہ اڳتان، ويٺو آهي اوسيئڙي ۾.

ڪهاڻن جهڳتن پويان سجُ ٻڏي وِيو،
سعيدُ اڳُ جِيان، ويٺو آهي اوسيئڙي ۾.

اڳ هو سارو جهانُ، سيني ۾،
اَڄُ نہ آ ڪو نِشانُ، سيني ۾.

درد توريان تو مان ترازيءَ ۾،
مون آ کوليو دُڪانُ، سيني ۾.

سا پيائن جڏيون اکيون پوري،
ٻ پيو جاڳي گمانُ، سيني ۾.

هاڻ ڪنهن لاءِ دل نہ ٿي ڌَڙڪي،
آ سُڃو آستانُ، سيني ۾.

مَن جي مسجد ۾ ڏکَ نِمازيَن جِيان،
درد ڏي ٿو آذان، سيني ۾.

دل آ مايوس ماءُ جي، جا ڪُون،
آس َ ٿي آجوانُ، سيني ۾.

مان خُدا کي ڏسي رهيو آهيان،
پيو ڪِري آسمانُ، سيني ۾.

قلندرن کي هٿن سان رَسائي دارَن تي،
کنڌي آ ميلا پرين! قومَ پو مزارَن تي.

سَچي حياتي پَيو کِهلِ هاڻ زنجيرون،
هلي سگهيا نہ سنڌءِ پير جو اِشارَن تي.

اَسان جو رَبَ! تو هَٿن سان مجسمو ناهيو،
مٽي چڙهي تي وَجي تنهنجي شاهڪارن تي.

اَسان جا پير صديِن تائين رَتَ ڳاڙيندا،
اَسان جو خونُ ها ملندو، اوهان کي چارَن تي.

ڏِڏي سگهيا نَہ اَمي کجهہ بہ سعيدَ! ٻوڙا ها،
اَسان تہ عشق جو ڏونکو هَنيو نَغارَن تي.

دل جي آواز تي آتيو جوڳي،
رات رڻ جي طرف وَڏيو جوڳي.

ھي ستارا تہ ھُن جا پيرا ھِن،
نيري وادي ٽَپي ويو جوڳي.

ٿون ھَوائُن کان تو پُڇين ھُن جو،
گم خلائُن ۾ آ تِيو جوڳي.

ھُو صديُن بعد آوري موٽيو،
ھيٺ ڌرتيءَ تي آ لٿو جوڳي.

سعيد! ھُن جو وجود چمڪي ٿو،
پاڻ سُورج آ ٿي پيو جوڳي.

ساروصحرا جَلِي رهيو آهي،
سڄُ اَڪيلو رُلِي رهيو آهي.

تيندي آباد چنڊ جي ڌرتي،
ڪوئي اُن تي گهمي رهيو آهي.

مونکان موتي وٺي وَڃو يارو!،
منهنجو سينو کُلِي رهيو آهي.

هڪڙي چهري جي ياد ڏياري ٿو،
جو ٻـ چهرو ملي رهيو آهي.

چوطرف آهـ نِيرِي تنهائي،
بازُتنها قِرِي رهيو آهي!.

زندگيءَ جي قميصَ قاتَلَ ڪي،
هڪڙو سپنو سِبِي رهيو آهي!،

سعيدَ! چمڪي ٿو سمنڊ جو سينو،
چنڊ ُهَن ڪي چُمِي رهيو آهي.

پيرَ تَرَ ڪيا جو آسمانن تان،
هيٺ ڌرتيءَ اندر هليا وِياسين!.

آيو نيا پوڪٽي ڪو سامونڊي،
رات هُن ساڻ جَرِ هليا وِياسين.

هُن آسان کي ڪڍيو جو مسجد مان،
پاڻ نَڪري، مندرِ هليا وَياسين.

هو آسان جو وجود واريءَ جو،
نيٺ واريءَ جي گهرِ هليا وِياسين

هاڻي ڪٿي جنون هَر منزل،
ڪنهن آ جاتي سَفَرِ هليا وياسين.

لاڙڪاڻي وَهِياسين گهاٽيءَ،
شام تي سعيد! گهَرِ هليا وِياسين.

دل جي ڌرتي پُسي رَهي آهي،
سارَ تنهنجي وَسِي رَهي آهي.

چنڊ! هٿ جانءِ رات جي ڪَن تي:
”روشني ڦهلجي رهي آهي.

ڇيريون ڇمڪن ٿيون ڪنهن جون مُومين ۾؟،
ڪير آڏيءَ نچي رهي آهي؟.

باز پيڙ ڪو ڏٺي اڏيو آيَ ڏي،
هيٺ تاري لڏِي رهي آهي.

منهنجي ڪونيءَ ۾ نا هي آڪيرو،
هڪڙي جهرڪي آچي، رهي آهي.

گر آماضيءَ جي ياد ۾ پوڙهو،
باهه پيڙ سان ٻري رهي آهي.

سعيد! ڪاري ڏينءُ آ موت سندي،
جنهن ڏي جيوتِ وَڌي رهي آهي.

خوردبينيءَ سان ڏٺيسون پنهنجي ذات،
هئي آسان ۾ ئي سموري ڪائنات.

حسم جي گرمي ڪٿي اچ اورتي،
بسترو ناري ڇڏيو آ سَرد رات.

ڏِسُ ته ڏرتيءَ تي تماشو ٿو هلي،
چوطرف آهي ڪتل نيري قَنات.

رڪجي وئين امڪان جي رستن اندرِ،
طئہ ڪرين هان ڪيئن تون ناممڪناتِ؟.

آءٌ رستن ۾ ڇڏيندو ٿو آچان،
جا بہ ٿي آ زندگيءَ مان حاصلاتِ.

من- شهر ۾ رات هڪڙو قتل ٿِيو،
ءِ ڏسڻ آيو نہ ڪوئي وارداتِ.

زندگي خود هُن مٿان عاشق هُئي،
پوءِ هُو چالئہ ڪري وِيو آپهگات؟.

ساندِ پيڙا نہ ايتري جيءَ ۾،
پانڌ ماريندين يار! ڳڻتيءَ ۾.

رات ڪنهن تي نظر پئي هُن جي،
چنڊُ بيهي رهيو هو ڪِرڪيءَ ۾.

غورسان ٿو پڙهي سيئي ڪَتبا،
ڇا ٿو ڳولي هِي شخص مڪليءَ ۾؟.

هيٺ پٽ تان لَڌائين چار آنا،
پوءِ پوڙهيءَ ٻڌا ها پوتيءَ ۾.

چوطرف دائرا اوَيا وَڌندا،
ڪوئي لَهندو وَيو تي پاٽيءَ ۾.

دل چوي ٿي ڀِڃان هي آئينا،
جو سَجايَم اَنڊن جي وَستيءَ ۾.

سَعيدُ هينئر لکي سَمهيو آهي،
ڏات جاڳي رهي آ ڪوٺيءَ ۾.

ها سڄي رات هيءَ آسمان جي آ،
ڏسُ تہ چادر بہ ڪهڪشان جي آ.

مان تہ آهيان ها ڳوٺ جو ماڻهو،
منهنجي دلڙي مگر ڪتان جي آ؟.

ايڏو ڏسندو آن جو ستارن ڏي،
تنهنجي هستي ڇا آسمان جي آ؟.

منهنجي ڪوِتا بهارَ جي موسَم،
منهنجي جيوَتِ مگر خزان جي آ.

رات ويلي گلاب جو تحفو،
مهرباني پرين اوهان جي آ.

تِي پراڻي ڪا ياد تازِي آ،
ڪيڏي ڪمري ۾ اَج اُداسي آ.

سامهون تصوير تو ڏسان ڀت تي،
ڪنهن جي ڪشتي ڪُنن ۾ ڦاٿي آ.

ماڻ ڇو هان ڀتيُون هِي ڇاڻن ٿيون،
ڪيڏي ماڻهن ۾ ناشناسي آ.

آءُ بيهي ڏسان ٿو آئينو،
منهنجي چهري تي بي حساسي آ.

سوال سامهون، ڪتابَ چُپ آهن،
او پيتائي! هِي ماڻ ڇاجِي آ؟.

تانگهہ پهچي سگهي تي ڇتِ تائين،
تانگهہَ ڪنهن جي آجان بہ ڏاڍِي آ.

سرد ھِي واءُ، ڄامشوري ۾،
۽ ڪو، سوداءُ، ڄامشوري ۾.

ياد ڪنھن جي پَٽيُون اڪيلي وَئي،
تو ڪُري گھاءُ، ڄامشوري ۾.

مون پري ڪان سَڏيو ھُيو توکي،
تِيو ھو پڙلاءُ، ڄامشوري ۾.

روز خوابن ۾ ڪو سَڏيندو آ،
آ، ھَلِي آءُ! ڄامشوري ۾.

ياد آ، سعيد ڪنھن جو اوسيئڙو،
پنھنجو پيچاءُ، ڄامشوري ۾.

ٿون جو سامُهون آن مٿي! منهنجون اکيُون چمڪن ٽِيُون،
چندُ بيٺو آمتان، اگڻُ، ٻِتيُون چمڪن ٿِيون.

عيدَ جي رات اُجالَنِ جون قطارُون آهنِ،
پَلوڙن تي هُو سَوين ميڻ، بَتيوون چمڪن ٿِون.

رات چوڏهينءَ جي، ڪناري تان ڏسان ٿو چوليِون،
جڻ تہ سنڌوَ ۾ ڪندي رقصُ پَرِيُون چَمڪن ٽِيُون.

مونکي پَڪَ آهِ تہ ڪمري ۾ تُون آئي هُوندينءَ،
تنهنجي ڪمري جون ڏسان ٿو تہ دَرِيُون چمڪن ٽيون.

سعيدُ ناهي تہ ڀلا ڪهڙو غرقَ ڀِيو آهي،
ڳوٺ عاقل جون آجان پي تہ گِهٽيون چمڪن ٽِيُون.

ٻڌن جي اڀَ تي، ڪَتيءَ ۾، نگاهه بيٺي آ،
ڪا انتظار- ڳليءَ ۾، نگاهه بيٺي آ.

ٻري ٿو تنهنجو تصور ۾ چهرو آڏيءَ جو،
ءِ ساهُون ميڻ بتيءَ، ۾ نگاهه بيٺي آ.

هزار ڀيرا منع ٿي آ، ڏِس نَہ تون هيڏي،
اَڃان بہ تنهنجي گهٽيءَ ۾، نگاهه بيٺي آ.

هي وهڪرو آ، وَڃن ٿيون اکيُن اڳيان ڇوليُون،
جي بيٺي آ تہ، نَديءَ ۾، نگاهه بيٺي آ.

اَسان جي لاءِ مقدس آ عشق جي آيَتَ،
ٿي پاڪ تنهنجي ڇتيءَ ۾، نگاهه بيٺي آ.

ڪوئي تہ آ جو اوهانکي خوشيُون رَسائي ٿو،
ڏِسي ٻنهي کي، خوشيءَ ۾، نگاهه بيٺي آ.

اڳي تہ شوق سان ڏسندا هُياسين سُهڻن ڏي،
ءِ هاڻ پِير سَنيءَ ۾، نگاهه بيٺي آ.

اوهان کي پنهنجي ڪوِيتا ۾ ئي پِيو ڏسبو،
اَڃان سعيد ڪَويءَ ۾، نگاهه بيٺي آ.

زخم سارا سِبي رهيو آهيان،
تون نہ آهين بہ جِي رهيو آهيان.

گهر جي پارَتَ هُجَڻَ او تنهائي!،
مان سفر تي وَڃي رهيو آهيان.

مون کي مَتيءَ مان ڇو ٻٽايو تو؟،
او خُدايا! ٻَرِي رهيو آهيان.

هِي حياتي تہ ٻور ڊرامو آ،
آءُ آدَمان اَتِي رهيو آهيان.

منهجي سامهون تَرَنِ پيا چهرا،
آءُ سگريٽ پِي رهيو آهيان.

مونکي رشتا ڇکن پيا پُٺتي،
سعيد! ڪاڏي وَڃي رهيو آهيان.

هَراِشاري کي ڏنوسين دُور ڪان،
رمزواري کي ڏنوسين دُور ڪان.

تنهنجي دُنيا ۾ تہ آياسين خُدا!،
هُن نظاري کي ڏنوسين دُور ڪان.

وِچ ۾ هاڻي جيڏا فاصلا،
هُن ستاري کي ڏنوسين دُور ڪان.

قيدخانہ هِي نئين انداز جا،
هَراِداري کي ڏنوسين دور ڪان.

سعيدَ! هلندي رڪشا جي شيشي منجهان،
شهر ساري کي ڏنوسين دور ڪان.

ڇا مليو تو کي بي نيازيءَ ۾،
تي اڪيلو ٿين حياتيءَ ۾.

هڪڙي پَلَ جي خوشي ڏِئي مونکي،
ڇو خَلَلُ تِي وِجهين اداسيءَ ۾؟.

تو سنياليو نہ پنهجي پانهنُ ۾،
تيڙ ڪائي ڪِرياسين ڪاهِيءَ ۾.

مان اڪيلوءِ ڳوٺ جا چارا،
تو وِساري ڇڏيو ڪراچيءَ ۾.

پاڻ ٿي لفظ ٿا وَڃن لڪجي،
مان تہ ڳوڙها رکان ٿو ڪاپيءَ ۾.

پارُ هنجَ ۾ اکيُون نہ ٿو کولي،
لڙڪَ ٿي پيو آ، کيرُ ڇاتيءَ ۾.

هِڪَ اَچي ڪپڙي ۾ تو نڪري وَڃان،
زندگيءَ تو ڪان مني ناراضُ هان.

مان ٻہ موهن شهر جان اُجڙي وِيَس،
شاعري گم تيل سنڌي تهذيبَ جِيانءِ.

حامشوري جي هَوا سُرهي رَهينءَ،
ڪئن مليِن ها لاڙڪاڻي لوءَ سان؟.

ڪنهن حَيو توکي تہ ٿاهجَ آرسيون؟.
ڪيترو ڪنهن کي جهليندين حوب ڪان؟.

هُو روانا ٿي وَيا آڪاشَ ڏي،
پَئي اَسان ٻيهي ڏٺو ڌرتيءَ تان.

آخري لمحن ۾ سڌَ آ پَئي سعيدا،
هِي تہ پنهجو عشق هو هڪ خوابَ سان.

مان خُدا جو مجسمو آهيان،
سانڍِ مونکي متان پِري نہ پَوان.

آءٌ تو کان پري گذرايان ٿو،
سُونهن تنهنجي ڏسي مَرِي نہ پَوان.

ٺِڪرا ٺِڪرا ڳنڍيا آٿم پنهنجا،
ڏي نہ ڌوڏا وَري ڏِرِي نہ پَوان.

تو تہ اَڄُ رات آڇ ڪَئي آهي،
آءٌ هر رات جو هِرِي نہ پَوان.

لاڙڪاڻا! اِڪ هٿو رلايو ٿي،
ٿِي مان ساٿو ڪِٽي ڪِرِي نہ پَوان.

منهنجي ڪَوِتا، تلاش تنهنجيءَ ۾،
روح - رستا، تلاش تنهنجيءَ ۾.

رات ٿڪجي سُتاسين رستي ۾،
خوابَ نڪتا، تلاش تنهنجيءَ ۾.

ها اَچون ٿا هِي آگريُون ٻاري،
هِي اُجالا، تلاش تنهنجيءَ ۾.

ڪهڙي تاريخَ تِنِ ڪي ڳوليندي؟،
جيڪي گم ٿِيا، تلاش تنهنجيءَ ۾.

منزلن جا نشان ڏٺڊ لاهِن،
نينءُ آلا، تلاش تنهنجيءَ ۾.

تو وِساري ڇڏيو بُلنديُن تي،
هيٺ ناتا، تلاش تنهنجيءَ ۾.

لاڙڪا ٿي ۾ دل لڳي ٿي نہ ٿِي،
مَنُ اَ پيارا، تلاش تنهنجيءَ ۾.

ڏينهن جي ڪَمَ ڪار مان فرصت ملي،
رات جو روئڻ جي آ مـهـلت مـلـي.

ذات جا پَردا هَٽـائـيـنـدو ويَس،
هَر دفـعـي مـونـکي نئين حـيرت ملي.

زنـدگـي رولاڪ جيـان گـذري وئـي،
پاڻ کي روڄڻ جي هئي سنگت ملي.

هر شي نظرن جي اڳيان ڏنڌلي هئي،
ڪنهن نظاري ۾ نہ ڪا فرحت ملي.

جنهنجي درشن لاءِ وياسين سيڙجي،
ها مليا سَڀُ پَر نَہ سا صُورَت ملي.

هُوءَ ملي هُئي زندگيءَ ۾ دير سان،
هُن کي پائڻ جي رهگو حسرت ملي.

عُمـر ڪـا ٽـيئِين ذِلـتن جي اُس ۾،
شاعريءَ ۾ سعيد کي شهرت ملي.

ٿي وَري تنهنجي سارَ، سانجهيءَ جو.
جڻ پکيُن جي قطارَ، سانجهيءَ جو.

ڄامشوري جي مان هَوا ناهيان،
جو ڇُهان تنهنجا وارَ، سانجهيءَ جو.

آءُ عاقل جي بندَ تي تنها،
ساڻ ناهن هَو يارَ، سانجهيءَ جو.

هِي وَڻن جا اُداس پاڇولا،
۽ اَڪيلي مزارَ، سانجهيءَ جو.

منهنجي مَنَ کي سَتي وَئي بجلي،
ڪا ڇجي پيئي تارَ، سانجهيءَ جو.

روح آهن، هِي رِڻَ جا، واچُوڙا،
ٿا ڪرِن انتظارَ، سانجهيءَ جو.

ڇا ته رنگين ڇوليُون آهِن،
سمنڊ ڏي ڪَرِ نهارَ، سانجهيءَ جو.

ها اَسان جي اکيُن ۾ ڳوڙها ها،
۽ اوهانکي خُمارَ، سانجهيءَ جو.

سعيدُ هائي تہ مَسَ سُمهيو آهي،
جو ڪيو ٿا هِي پارَ، سانجهيءَ جو.

ڏات جي ڳــو دڙي آ جوڳيءَ کـي،
هَٿَ ۾ روشنـي آ جوڳيءَ کـي.

پنهنجو چهرو اَڇي ڏسي ڪوئي،
هـا سَچي آرسـي آ جوڳيءَ کـي.

هِي پيالو ڇا اُڃ اُجهائيندو،
سمنڊ جي تشنگي آ جوڳيءَ کي.

هڪڙي تصوير سهڻي ناريءَ جي،
مـون سدائين ڏٺي آ جوڳيءَ کي.

هُو آ ڳوتم جي واٽَ جو باندي.
ڇا ملي شانتي آ جوڳيءَ کي؟

سعيدَ اڪيلو اُداس ٿو ڏسجي،
ڇوٽَ ڪنهنجي لڳي آ جوڳيءَ کي.

دِيدَ تنهنجي مُڙِي ڇا جاچي ٿي؟،
سعيدَ! هَلَ يارَ! يا تَہ پاسي ٿِي!.

پاڻ اُس ۾ صفا سَڙِي وِياسين،
زندگي هاڻ ڇانوَ آڇي ٿي!.

هِڪَ دفعو ئي تہ هُن نِهاريو هو،
دل چَرِي پاڻُ هُن سان واڳي ٿي.

رازُ جيڪو ڏِڪيو سين سيني ۾،
تنهنجي گرمي تہ دل کي ڏاڍي ٿي.

شاعري تون اَڄانِ بہ ڇمڪي پَئُہ،
هُوءَ آسان ڪي نَہ، توکي چاهي ٿي.

دل جي پنهنجي الڳ ٿِيوري آ،
دل جو منطق ڪا دل ئي ڄاڻي ٿي.

ڪول مون تي گناهہ جا رستا،
دل ثوابن ۾ هاڻ ڦاسي ٿي.

هَٿَ ڪجن ٿا گناهہ پياري لئہ،
ڏِسَ جَواني! دُعا اُگهامي ٿي.

ڄامشوري جي واءُ کي ڇنجو،
"لاٽَ هِڪَ دل جي اَڄُ وسامي ٿي.

سعيد! عيسيٰ مسيحُ ناهيان مان،
ڇو هي دنيا صليب ٺاهي ٿي؟.

نيٺن جو هَر لڙڪُ نِمي تو اَندر ۾،
برف جيان ڪو دردُ ڄَمي تو اَندر ۾.

اڪيُون پوري تنهنجي ڳل تي چَپَ رکيم،
توکي منهنجو جيءُ چُمي تو اندر ۾.

دل تي ڪَنُ رکي ٻُڌ ڪڙڪو پيرن جو،
يارَ! اِهو ڻَڻَ وقتُ گهمي تو اندر ۾.

مَن جي صحرا منجهہ اُڏامي تي واري،
صديُن کان ڪو شخص رَمي تو اندر ۾.

تڪجي پيو آ بارُ ڪٿي هو پٿرن جو،
هائي سعيدَ! پهاڙُ جِهمي تو اندر ۾.

پيارا منظرَ، ڪيڏو پنتي رهجي وَيا!،
ٻَچپڻ جا گهرَ، ڪيڏو پٺتي رهجي وَيا!.

پَٽڪي پَٽڪي پهتو آهيان بَرَپَٽَ ۾،
رستا سندر، ڪيڏو پٺتي رهجي وِيا.

وڪَ وِڪَ تي جن منهنجو رَٽَ وَهايو پئي،
ساٿي! پيرَ، ڪيڏو پٺتي رهجي وِيا.

انسانيَت ڪي مون آهي آپنايو،
مسجد، مندرَ، ڪيڏو پٺتي رهجي وِيا!.

ماڳَ رسائڻ وارو رَستو، ڪنهن نہ ڏسيو،
پنهنجا رهبر، ڪيڏو پٺتي رهجي وِيا.

جاڳي مـو هن- شـهـر ۾ جذبـات آ،
تـون ڪـٽي آن نـاچـڻي! چنـڊ- رات آ.

ڇا ته تي خوشبو آچي مٽيءَ منجهان،
جڻ پئي خوشـبـوءِ جي بـرسـات آ.

چنـڊ سـان ڇاجي سـتـارا رات جو،
ڪنهنجي موهن -شهر ۾ بارات آ؟.

اَڄ ڳِـهـتـيُن جي مـاڻ مـاري تي پئي،
ناهِ ڪا اَڄ وَڄ نـه ڪنهنجي بات آ.

چَنڊ اَسـتـوپـا مـٿـان گهـوري پيـو،
سُونـهـن سـاري تي وئي ڪـنـڊرات آ!.

مـان جڳن ڪـان پيو ڳـان مـٽـيءَ انـدر،
هِيءَ وڏي تـاريـخ ۾ سـڪـرات آ!.

او مٽي! گونگي مٽي! ڪنهن ڪان پُڇان؟،
ڪير وِيو هن شهر کي ڏئي مات آ.

نيري ٻرَ ۾ ٻوري ڪَڪري، تنها پئي ٿي ٻيٽڪي،
نيٺ ملي وِيو بادلَ هُن کي، بادل سان وٺي ٻڪجِي.

هڪڙي تاري ٻئي تاري کي ميڇ ڏئي چيو ڪَنَ ۾؛
”چاڻ آسان جي ويجهو آئي، چانڊوڪي آنڪِتِي“.

ننڊ پڻ ۾مون چورائي هُئي يارَ! ڳليل جا تنهنجي،
تنهنجي ساٿ ڳليلَ پيارا! مونکان ٻي وٺي ڳم ٿِي.

سرڪش مَنَ کي چيَن ڪتي آ، ينيٺ پِيا تا پڙڪن،
ڇا هِيء باهم وِسائي سگهندي شاعر! تنهنجي شڪتي.

هائي مان ٻ ڏچان تو تن کان صاحب ٿي وِيا آهن،
يارو! عمر ڪسي وٺي مونکان ننڊ پڻ وارا سنگتي.

لفظ عقابن جهڙا آهن واڙين چو تو تن کي؟،
پيرو تورڙ! اُڏامَنِ، آهي واءُ اِنهن جي وَستِي.

سعيدَ وِڇايا رستن ۾ مِن ڪاڳر ڳلڙن جهڙا،
مان سمجهان تو آڇٽي آهي هُن جي ڪَوِتا سَرتِي.

ها ڇڏيندا اچو روشني راهه ۾،
پوئتان ڪو ٿئي گم نه اوندهه ۾.

سوچ جي برف ۾ ذهن وِيا مِن ڄَمِي،
ذهن اَچلي ڪٿي ڪوئي آرام ۾.

انتها ڪان بري عشق جو پنڌ آ،
جو ڏسڻ تو نهر بڻ تون حدون جام ۾؟

هر لهر مرڪندي ڪيس ڏسدي وئي،
چنڊ وهندو پئي رات جو واهه ۾.

رات جي ننڊ مان، ڪيئن جاڳي پيا،
صبح جي روشني آئي گاهه ۾.

جُهو پڙيءَ اندر پيو ڏيئو ٻري،
تي اَڪيلي نارِ او سيئڙو ڪَري.

سَبُ ڪناري تي رڳو تفريح َ۾،
ءِ اڪيلو سمنڊ تو دانهون ڪَري!.

آءٌ جنت مان وَڃان تو اي خدا!،
هِتِ يي منهنجو نَہ تو آندرُ ٺَري.

ماٺ ۾ ڏسندي رَهي وارِي تَڏِي،
چنڊ سان هُو شخص وِيو نڪري پري.

هيٺ تو لهندو وَڃي پاتارَ ۾،
ءِ اُتان ايندو ٻئي مُنيُون ڀَري.

پيرَ وِراندي تائين پُهتا، اڪيُون ڪمري ۾،
۽ پوءِ اڪيُون گم ٿي ويُون، تنهنجي ڇهري ۾.

هُو جو پنهنجا خوابَ وِساري اِڪتي نڪري وِيو،
ماڻهن هُن جا خواب ڪٺي سي اُڇليا ڪچري ۾!.

چاندوڪيءَ ۾ هوريان هوريان هُوءَ وَجي ٿي پئي،
چنڊُ وَڃڻ ٿو چاهي هُن سان گڏجي ڇپري ۾.

ماڻهو هِڪَ ئي محور ۾ ڇو گولُ ڦِرن ٿا پيا؟،
اِئين لڳي ٿو ڄڻ هُو آ هن جڪڙيل چڪري ۾!.

سوچ ردم تي ڳائڻ ويٺي، لفظ اُٿي نَچيا،
ڪُنوار ڪَويتا شامل ٿي وَئي پنهنجي سهري ۾.

سعيد ايئن ڪنهن جي پُٺيان آهي ويو؟،
جسم ۾ پنهنجو ڪٽي ڳاهي ويو.

اي حوا! آدم ۽ تون ڌرتي ۽ ويو!،
پو ۽ ڇو جنت ڪوئي ڍاهي ويو.

هُو پُراڻي دؤر مان آيو هُيو،
۽ نئين دُنيا طرف ڪاهي ويو.

ڪير ڪِي ٻيتڪي پيو تاريخ ۾؟،
ڪو ڏسي هِن شخص جو ڇاهي ويو؟.

آسمان ۾ مچي وِيو شورآ،
"سڄُ ڪو ڌرتيءَ ڏي لاهي ويو".

جسم جا ذرا اُڏن تا واءُ ۾،
هُو مري وِيو پر هتان ناهي ويو.

جيون تنهجي پويان پويان ڪاٿي پُهتاسين؟!،
اوندهه جو آ جهنگل اڳيان، ڪاٿي پُهتاسين؟!.

”سورج -ديس“جا پانڌي آهن رستو ڀُلجي وِيا،
هاڻ پُڇن ٿا هُو هڪٻئي کان،” ڪاٿي پُهتاسين؟.

شهرُ اَسان مان رَتَ ڪَڍي ويو، ڳوٺ نہ موٽياسين،
هاءِ نياڳي پسڻي پُٺيان، ڪاٿي پُهتاسين!.

پاڻ هَوا سان نڪتا هئاسين تنهنجي ڳولا ۾،
گم ٿي وياسين مٽيءَ هيٺان، ڪاٿي پهتاسين!!.

صديَن تائين ننڊَ پَيا ها، ڇِرڪُ ڀَري جاڳيا،
پُڇيائون،” تاريخَ! اَسان هان ڪاٿي پُهتاسين؟!.

آءٌ ڪنارا عقل جا ٽوڙي پيو،
وهڪرو هي سوچ جو ٻوڙي پيو.

ڪنهن پراڻي دُورجي انسانَ جو،
خون منجهي جسم ۾ ڊوڙي پيو

هُن ڪَويءَ جي شاعري ڪُن ٽيءَ ڇئي،
هُو نئين دنيا وَري جوڙي پيو.

ڏهن پنهنجو توڏِي مونکي سزا،
سعيدَا! هَر احساس جنجهوڙي پيو.

ڪوئي ڪردار اُڀريو ڪَهاڻيءَ منجهان،
نئين شروعات ٿي آ، پُڄاڻيءَ منجهان.

هائو ٻاهر رَڳو هَر طرف رچا،
تون مري ويندين نڪتين جي پاڻيءَ منجهان.

رات ويلي وَٺن ڪان پَڇي ٿي هَوا،
خوشبوِ ڪاڏي وَئي رات-راڻيءَ منجهان؟".

وقتَ ويجهو آچي مونکي ڪَنَ ۾ چَيو:
"آءٌ نڪري دُنيا هِنَ پُراڻيءَ منجهان".

ڪنهن بہ بَرَّهيٺ گوتم نہ مونکي مليو،
هُو مليو مونکي گدڙيل ڪهاڻيءَ منجهان!

زندگـــي آجڻ سَفَرَ ڪِوليءَ جو!،
کهڙي منزل، کهڙو گهرُ ڪِوليءَ جو؟.

هُوءَ ڳولي ٿي پَئي ميناج کي،
ڪنڌُ ذرڙي آ ٿمر ڪِوليءَ جو.

ڪيس مذهب جي خبر ئي ڪانَ آ،
آهه مسجد ءِ مندرُ ڪِوليءَ جو.

ڪجهه نه سوچيندي وجي ٿي ماٺ ۾،
ڪير ڪوليندو اندرُ ڪِوليءَ جو؟.

ڪنهن ٻُڌو ئي ڪين هُن جي دانهن کي،
جسم ڪُچلي وِيو پَٿَرُ، ڪِوليءَ جو!.

کوليُم جو دروازو، سامُهون بيٺو هو،
تنها منهنجو پاڇو، سامُهون بيٺو هو!.

بي خياليءَ ۾ ڪن سان آءٌ ٽڪرجي پيُس،
وِکَ وِکَ تي ڪو ناتو، سامُهون بيٺو هو.

ڪمري اندر آيُس پَر هُوءَ ڪين هُئي،
پوءِ بہ هُن جو چهرو، سامُهون بيٺو هو.

عُمر ڪٽي وئي پر هيءَ ڏاڪڻ ڪينَ ڪٽي،
هِڪَ مٿان پيو ڏاڪو، سامُهون بيٺو هو.

ڪٿُن موٽان ها توڏي آهڙي صُورت ۾؟،
خطري ۾ آئيندو، سامُهون بيٺو هو.

چڙهيو ايڏو پاڻي، ڪنارا لِڪي وِيا!،
اَسان جي اکيُن ڪان، نظارا لِڪي وِيا!!.

پَهاڙن جي پوپان تيو سجُ ظاهِرُ،
ڏِسي تنهن جو چهرو، سِتارا لڪي وِيا.

گهٽي وقت ڪان پو مليا خواب ۾ هُو،
مگر نينڻ کُليا تہ پيارا لڪي وِيا!.

جتان مان ۽ هُو گڏ ملندا هُياسين،
اُهي روڊ جي هيٺ چارا لڪِي ويا!.

ڪٿي سعيد! ڳوليندين ڏيئا پُراڻا،
رکيل ها جتي سي تہ جارا لڪي ويا!.

ڪيئي چهرا اکين اندر لهندا وِيا،
۽ پوءِ دل جي وِٿين اندر لهندا وِيا.

ٽيپو ٽيپو لڙڪ ڪِريا ٽي ڇت منجهان،
هوريان هوريان پيٽين اندر لهندا ويا.

وقتُ اسان جي آڏو ڏهڻ بڻجي پيو،
پير اَسان جا صدين اندر لهندا وِيا.

ڏسندي ڏسندي سِرَ ٿي تَن جا گم ٿي وِيا،
عُهدن وارا ڪُرسين اندر لهندا وِيا!.

سعيد! تنهنجا گيت اُڏيا احساس ڪٿي،
۽ پوءِ مَنَ جي وستين اندر لهندا ويا.

لاءِ! چاتيءَ لاءِ، مٺا مينهن وسي ٿو،
پاڻَ ۾ لکاءِ، مٺا مينهن وسي ٿو.

هِيءُ سنهي ويس منجهان جسم ٿو جَرڪي،
وِڄُ نه ڪيراءِ، مٺا مينهن وسي ٿو.

آهِ گهڻو سِيءُ منهنجا لِڱَ ڏڪن ٿا،
لڳَ هِي گرماءِ، مٺا مينهن وسي ٿو.

مينهن ڪٿا تنهنجا اَچي ڳلَ چُمن ٿا.
ڪنڌ ڪي نِواءِ، مٺا مينهن وسي ٿو.

خيالَ بَنَ ۾، وجودُ ڀٽڪي،
وِشالَ بَنَ ۾، وجودُ ڀٽڪي.

ضروريتيندو، ضروريتيندو،
وِصالَ بَنَ ۾، وجود ڀٽڪي.

حقيقتن جي تلاشُ ۾ آ،
سوالَ بَنَ ۾، وجود ڀٽڪي.

او وقت ايندڙ! لِڪي وِيو ماضي،
تو حال بَنَ ۾، وجود ڀٽڪي.

آلائي ڪاڏي وئي آمرتا؟،
زوال- بن ۾، وجود ڀٽڪي!.

تنهنجي چهري ۾ روشني آهي،
ساري ڪمري ۾ روشني آهي.

زندگي آ سفر اُجالن جو،
لمحي لمحي ۾ روشني آهي.

وَڻ ٻِري ٿي ڏِيئو وِسيو هينئر،
پو ٻہ جاري ۾ روشني آهي.

منهنجي پرسان اَچي تون ويٺي آن،
منهنجي پاسي ۾ روشني آهي.

هي سِتارا جو همسفر آهن،
سعيد! رستي ۾ روشني آهي.

رات هڪڙي سوچ جاڳائي وئي،
زندگيءَ جا موڙ ڦيرائي وئي.

مون اَجهان تصوير پُوري ئي نه ڪئي،
ءِ حياتي روپ بدلائي وئي!.

هَر حسينا تان نظر ترڪي وئي،
هڪ حسينا روح لَرزائي وئي.

رات ننڊ ڙي ياد ڇا آئي هئي.
پوئتي ڪيڏو نه موناڻي وئي.

چنڊ ننهنجي جي قبر ڏي گل ڪٿي،
هُوءَ ڪارو ويس آ پائي وئي.

صبح سان ڏيندس ڪباڙيءَ کي وچي،
شاعري آمَدُ وزن تاهي وئي.

آسماني سوچ جا مالڪ! ڏٺئه!،
تو کي غربَت هيٺ ڪيرائي وئي.

سعيدَ جي هِيءَ رت پئي آ روڊ تي،
لاڙڪاڻا! رنگ تو کي لائي وئي.

ٻَري ٻَري ٿي رهيا سين، ٻري جي چاهَتَ هُئي،
پتو نہ توکي پيو، پنهجي ڪهڙي حالَتَ هُئي.

اَسان کي پنهنجي اکيُن تي هو اعتمادُ رکو،
اُنهن بہ صرف ٻَسائي سڏائين حيرت هُئي.

جو شخص راتَ جي خُونِي هٿن کان مارِيو وِيو،
سو چندُ تي هُيو عاشق، نَہ کُوڙي تهمت هُئي.

جڏهن جڏهن بہ اَسان جي اکيُن اڳيان آيو،
هُو خوابُ خوابُ رهيو، ها اِها حقيقت هُئي.

اکيُن ۾ منهنجي سڏائين شرير ٻارُ هُيو،
اکيُن ۾ تنهنجي سَڏائين وڏن جي هشمت هُئي.

سُمهي پيا سين متيءَ جي مَٿان وجهي چادَرَ،
وڏيڪ پنڌ جي ڪاٿي اَسان ۾ طاقت هُئي!.

ڪا بہ ڇُرپُرنہ ٿي ٿئي مَنَ ۾،
مان تہ پٿر هان ٿي ويو ڪَن ۾!.

ڪجھ بہ اُن بعد مان ٻُڌي نہ سگھيُس،
تو ڏسي ڳالھہ جا هُئي ڪَنَ ۾.

چنڊ هُن ڪي مليو آلائي نہ؟،
هُو تہ خوشبو ڇڏي ويو بَنَ ۾.

رات جي وقت بستري اندر،
ڪو ٻَري مَچُ آ پيو تَنَ ۾.

چنڊ جي روشنيءَ ۾ نشو آ،
مان ڏسان تو خُمار پَنَ پَنَ ۾.

هُو چريو هو، رهيو ٿي خوابن ۾،
نيٺ گم ٿي ويو، سَرابَنِ ۾.

ساڻُ ننڊ پڻ ڪان آهي تنهائي،
ساٿُ ڪنهن جو ته آهي ياڳن ۾.

تون ته گهرَ لاءِ ڪجهه ڪري نه سگهئين،
عُمرِ گذري وَيَءِ ڪتابن ۾.

ڪوئي روڪي ته پيرَ يادُن جا،
لوڻُ ٻُرڪي وڃن ٿيون گهاوَن ۾!.

ڪيئي ڪنڊا چُڀي وَيا دل ۾،
جو وٺي وَئي نظر گلابَن ۾.

مون نَه چاتو هو، خوابُ ٿِي پَوندي،
سعيد! چاهيو سي جنهن ڪي جاڳن ۾.

پَيــــو آچڻ رهــگـــذارَ ۾ پٿَرُ،
ٿِيو وَيــــوانـــتــظـــارَ ۾ پٿَرُ.

عُمرِ گهارِي سچي آ ۾ پٿرن سان،
مـــونـســـان رکـجو مـزارَ ۾ پـٿـرُ.

کـيس ڏسندي مُهـاٿو سـوچي ٿـو،
”ڪـئين آيـو آچارَ ۾ پـٿـــرُ؟.

هُنَ جو اَندَرُ ڪپهہ جيان ڪُنئرو،
ءِلـڳي ٿـــونِهـــارَ ۾ پـــٿـــرُ.

سعيدُ شاعر، نَہ ڪو وڏو ماٺهو،
هُوتـــہ آهـــي شُمـــارَ ۾ پٿَرُ.

چوطرف چُپ، ۽ رات سياري جي،
ڪي ٻه پاڇا ها، ٻاهه جي ويجهو.

پيو هو لاڪيٽ هُن جي ڇاتيءَ تي،
ڇا ته چمڪا ها، ٻاهه جي ويجهو.

ڪاشرارت اکين ۾ چمڪي پئي،
پئي هو مُرڪيا ها، ٻاهه جي ويجهو.

جهيڻيا جهيڻا ها جسم جا شعلا،
ڪيرا ڪيرا ها، ٻاهه جي ويجهو.

ٻاهه ٻاريءَ مگر اهو نه ڏٺو،
ڪنهن جا سپنا ها، ٻاهه جي ويجهو.

ڇا مشوري جي واءُ پڙڪايا،
اڳ ئي جذبا ها، ٻاهه جي وجهو.

رات هُن جي اکين ۾ گوڙها ها،
ڪي لفافا ها، ٻاهه جي ويجهو.

ها قصا عشق ۽ جُدائيءَ جا،
۽ ٻه پوڙها ها، ٻاهه جي وجهو.

ڏينهن جو هُو آلائي ڪاڏي ويا!.
رات ويٺا ها، ٻاهه جي ويجهو.

روشنيءَ جي تلاش ۾ نڪتا،
۽ هو پهتا ها، ٻاهه جي ويجهو.

هُو رڙيو پئي ته ٻاهه کي روڪيو،
ڪي آڪيرا ها، ٻاهه جي ويجهو.

شهر جي چونڪ تي انبوهه هيو،
۽ ڪي نعرا ها، ٻاهه جي ويجهو.

ڪير هُو جنهن کي هُو وجهي ٽوڙهو،
گهلي آيا ها، ٻاهه جي ويجهو.

تن جي منهن تي عجيب وحشت هُئي،
مَڇريا بيٺا ها، ٻاهه جي ويجهو.

چوطرف روڄ هو ۽ پارَ هُيا،
لاش ڪي پيا ها، ٻاهه جي ويجهو.

ماڳ بيٺو هو، ٻاهه جي پويان،
پير بيٺا ها، ٻاهه جي ويجهو.

پوءِ ڪنهن کي نه هُو نظر آيا،
ها، ڪي پيرا ها، ٻاهه جي ويجهو!.

(بابا جي ياد ۾)

هر ڪو سودو وني هليو ويندو،
هيءَ دنيا بَزار آ بابا!.

منهنجي ٻڪ ۾ دعا جا موتي هِن،
سامهُون تنهنجي مزار بابا!.

تنهنجي عينڪ رکي آئم سانڍي،
هيءَ تنهنجي سنيار آ بابا!.

ڪاش! ڳوڙهن ڪي ڪو ملي رستو،
دل تي ڏاڍو غُبار آ بابا!.

آ، وري ڪَرِ مِي منهنجا ڪَنَ ڳاڙها،
آ وَري مونکي مارِ! آ بابا!.

ڪنهن ڪان گهر نداسين عيد جي خرچي،
عيدَ هِي گذ گذارِ، آ بابا!.

بار گهر جا تمام ڳورا هِن،
سعيد معصوم ٻار آ بابا!.

سمنڊ ٿي سگھي ويو، ته آهن سي چوليون،
آسان رڻ ۾ کهڙي ڪناري کي ڳوليون.

آسان چنڊ کي ڪين ماڻي سهگيا سين،
ستارا آسان تي پلي ڪيو ٿٿوليون.

آسان شاعريءَ ۾ ٿي توسان مليا سين،
آسان لاءِ هونئن تو ته ٻانهون نه کوليون.

ڪٿي وقت آهي جو کولي ٻڌايون،
سجي زندگي آ پروليون پروليون.

جباتي ننديءَ هي رستو ڏگھو آ،
رنجي پٺيان ڪيترو بانُ رُوليون؟

جي ننڊ آئي، هي ساڳي متي!
ٿيو خواب پورو، پرين! نيڻ کوليون.

آسان جي خوابَ نِپائي جَوان ڪِيا آهن،
سي اَڄ آسان جي ئي سامهُون شهيد ٿيا آهن.

آسان تہ راهہ ۾ گمنام ئي مَري وِياسين،
اوهان وَڏو جو اوهان لاءِ ماڳَ پيا آهن.

جَڏي آسان بہ تہ جَنَتَ آ ڪنهن حواَ پويان،
اسان جا سڏَ بہ هَوائن ۾ پٽي رُليا آهن.

اڄي اوهان ڏي اُماٽيو هُيو آسان "منصورَ"،
وَري بہ دارَ جي پاسي قدم وَڌِيا آهن.

تَري آ پنهنجي اکيَن ۾ ڪنهن چند جي صوَرتَ،
جڏهن بہ نيڻ آسان جا مٿي کَڄيا آهن.

نظر آسان جي، اوهان تي هُئي جو بارُ پرين!،
آسان مٿيءَ ۾ وَڃي نيڻ ٻَئي لَٽيا آهن.

شفافُ پيرَ اوهان جا، آسان جي راهہَ مِٽي،
آسان سان رِڻ جي سفر ۾، هلين ها ڪيئن مِٽي!.

اِئين لڳو تہ اِهو پارُ ڪِٽ ڏنو آمُون،
پراڻي پنهنجي مون تصويرَ ديرِ تائين ڏِٺي.

اُڏي ويا پنهجا سمورا ورق هَوائن ۾،
آسان بَچائي وَتي آهہ، صرف تنهنجي چِٺي.

اوهان جي سارَ ڪي رڪشا ۾ پِيا گهمايُون تا،
اوهان ڏي منهنجو ڪِرايو گهٽو وَيو آ وڌِي.

آسان تہ پنهنجي حَياتيءَ جا خال پَٽي پِرِيا،
اهي بہ ڪين پِرِيا، زندگي بہ ويئي ڪٽِي!.

لباس پنهنجو مَتيو آ، آسان مَنِيا ناهيُون،
آسان اُهي ٿي دَراوڙَ، آسان نَہ سِندُ ڇڏِي.

ڏيوڍيءَ ۾، ڪوئي بيٺو آ آچي،
يا تَہ جيءَ ۾، ڪوئي بيٺو آ آچي.

مان تَہ پنهنجو پاڻَ کي آيُس ڏسَڻُ،
آرسيءَ ۾، ڪوئي بيٺو آ آچي.

ڄڻ تہ ڳاڙها ريشمي ڪپڙا ڍڪي،
هِنَ بتيءَ ۾، ڪوئي بيٺو آ آچي.

هِيءُ ٻُوٽا ڄڻ تہ ڪنهن جا وارَ هِن،
۽ ڪجيءَ ۾، ڪوئي بيٺو آ آچي.

تيزُ واچُوڙو پڇي ٿو جوشَ مان،
"ڇو مٽيءَ ۾، ڪوئي بيٺو آ آچي؟"

پوئُتان ڪيڏن زمانن کي ڇڏي،
هِنَ صديءَ ۾، ڪوئي بيٺو آ آچي.

Soorih Mirani

جُنــون ۾ جو اَچي تــيــز ٿُون پــڳو آهــين،
خبــر آتــهء تہ چَريا! ڪِٿ اَچِــي پُڳو آهــين؟.

سَيــن يــقــينُ ڪَيــو هــو ٻڏي وَيــو هُــونــديــن،
تــون ســاٿــو ســاٿــو ڪــنــاري اَچي لــڳو آهــين.

پَتــــو هُيَہء ٻـــہ تہ ھِي ديــسُ آهــِ ٻــوڙَن جو،
تڏهــن ٻـہ عُمــر سڄي، ڪِهــنڊَ جيــان وڳو آهــين.

ڇني ڇڏيندو آ هِڪ سَٽَ سان عشقُ زنجيرون،
ســعــيــدَ! هــامَ نــہ هَڻُ ٿُون، ڪچو سڳو آهــين.

لِڪي نيڻ وِيا سين آسان رنگ پويان،
لڪيل پنهنجو نالو هُيو ڪوئلي سان.

جڏهن دل چيو، آچبو درياءَ توڏي،
آسان ڪي ٻه لهرن ۾ ڪا جاءِ ڏِيجان.

سڄي عُمر ۾ هِڪَ ئي سپنو ڏٺو سُون،
اکيُن ڪي ڏئي لَڙڪ وَئي تنهنجي سايان.

اَڙي لاڙڪاڻا! تو جڪڙي ڇڏيو آ،
ڇڏي ڏي آسان ڪي، وَڃُون هُن جي پويان.

مسافر ڪو ترسي نہ تو ڏير تائين،
آسان سعيد! پنهنجا سَليُون سُورَ ڪنهن سان؟.

ڪيئي سُوالَ، آسان جي ڪَڏ َاَڇن تا پيا،
رِڙهندا خِيالَ، آسان جي ڪَڏ َاَڇن تا پِيا.

جن ڪي پاڻَ پري نہ سگھياسين ماضيءَ ۾،
ساڳيا خالَ، آسان جي ڪڏ اڇن تا پيا.

سمجھيو هوسين رهجي ويندا پٺتي، پر،
سَبُ اعمالَ، آسان جي ڪَڏ َاَڇن تا پِيا.

آوازن ۾ لهجن ۾ تبديلي آ،
پر احوالَ، آسان جي ڪَڏ َاَڇن تا پِيا.

زخم، يادون ۾ ڪجھہ چهرا ساڻ ڪٽي،
پويان سالَ، آسان جي ڪَڏ َاَڇن تا پيا.

Soorih Mirani

جو مليو گهاءُ، تنهن مان پيو گلُ ڦٽي،
هاڻ کو گهاءُ، ناهي رهيو اي پرين!.

پنهنجا ڳوڙها نہ تو تون سُڪائي سگهين،
توءِ سوتاءُ، ناهي رهيو اي پرين!.

تو تَہ جنت مان اڳُ پِي ڪَڍي هو ڇڏيو،
توءِ ويساهہُ، ناهي رهيو اي پرين!.

پنهنجوئي ڪو پتو ناهہ مَتيءَ اندرِ،
ڪوئي سوداءُ، ناهي رهيو اي پرين!،

ڪونہ تو سڏُ پهاڙن سان ٽڪرائجي،
ڪوئي پڙلاءُ، ناهي رهيو اي پرين!.

چمڻ بعد جيئڻ ئي گُلن ٿيون اکيون،
سڄي عمر بس پورڻن ٿيون اکيون.

گهڻو وقت اڳ پيا ها سپنا سَڙي،
اڃان تائين پنهنجون جلن ٿيون اکيون.

جسم آهه مونسان ڪمري ۾، پر،
لڳي ٿو ته ڪنهن سان هَلن ٿيون اکيون.

اڄي ٿو نظر ڪنهن ۾ ڪوئي ٻيو،
هي سچ آ، يا منهنجون ڇلن ٿيون اکيون.

صديُن تائين پهچي ٿي هُن جي نظر،
ڪلاڪار ڪي جي مِلن ٿيون اکيون.

Soorih Mirani

ڪتابن ۾، آواز ٻُڌڪي رهيا هن،
نقابن ۾، آواز ٻُڌڪي رهيا هن.

صدين کان سوالن جا سُڙيا آهن،
جوابن ۾، آواز ٻُڌڪي رهيا هِن.

اَسان جاڳندي، جن کي چاهيون ٻُڌڻ ٿا،
سي خوابن ۾، آواز ٻُڌڪي رهيا هَن.

لڳي ٿو ته موهن جي دَڙي اَندرِ ڪي،
عذابن ۾، آواز ٻُڌڪي رهيا هِن.

وري چند- پوپٽ چمن ٿا گلن کي،
گلابن ۾، آواز ٻُڌڪي رهيا هِن.

هِي جسمن جي گرمي ۽ ٿوري ڇُهڻ سان،
حجابن ۾ آواز ٻُڌڪي رهيا هِن.

ڪنهن منظرَ ۾، نيڻَ آسان جا گم ٿي ويا!،
دوست! سَفَرَ ۾، نيڻَ آسان جا گم ٿي وِيا!.

ڳوليُم پئي ڪجھہ گھري گھري پاڻيءَ ۾،
آخر جرَ ۾، نيڻ آسان جا گم ٿي وِيا.

سانن ڪان پوءِ موتياسين پر ڪوبہ نہ هو،
خالي گھر ۾، نيڻ آسان جا گم ٿي وِيا.

ڪوئي ڇاتَلُ چهرو اُن مان ظاهر ٿِيو،
جنئين پٿر ۾، نيڻ آسان جا گم ٿي وِيا.

ڪَڙڪِي پيو هو اوچتو لشڪر لفظن جو،
۽ ڪاڳر ۾، نيڻ آسان جا گم ٿي وِيا.

جن تي ڪو ساڄَپَ رکيا ها محبوبا،
سي بہ قبر ۾، نيڻ آسان جا گم ٿي وِيا.

سارو جيونَ سارُون، ساڻ نہ ڏينديُون هِن،
گلڙن جو مهڪارُون، ساڻ نہ ڏينديُون هِن.

وقت پڄاڻان هَر شيءِ ڍهندي ويندي آ،
گهرڙن کي ديوارون، ساڻ نہ ڏينديُون هِن.

گيتُ صديُن تائين آلاپيان ڪيئن پيلا؟،
تنبوري جون تارُون، ساڻ نہ ڏينديُون هِن.

تنها تنها ورَندا هِن آکيرن ڏي،
پکيُن کي بہ قطارون، ساڻ نہ ڏينديُون هِن.

لڙڪن ساڻ لڙهي وِيندا هِن سپنا پي،
من ساگر جون ڏارُون، ساڻ نہ ڏينديُون هِن.

شهر جي شور ۾ ڍبجي ويندي يُون آهن سعيد!،
ڪَن تائين بہ پڪارون، ساڻ نہ ڏينديُون هِن.

هِي اَڏنـدڙَ مـتي، ڪجهـ ٻُڏائي رهـي آ،
لڳي ٿـو گـهٽي، ڪجهـ ٻُڏائي رهـي آ.

ڪچي گـهر انـدر هِيءَ جاري ۾ رڪـيل،
وِسـامـيل ٻتي، ڪجهـ ٻُڏائي رهـي آ.

لـڳي ٿـولـڳاتـارڙُنـدي رهـي ٿـي،
هِي وَهـنـدڙنَدِي، ڪجهـ ٻُڏائي زهـي آ.

ڪٿي ڪنڌ مون ڏٺُهن، گهوري ڏسي ٿي،
حلهي مـان ڇيي، ڪجهـ ٻڏائي رهـي ا.

اَيـي اهـ اَشـهـد جي آگر جيـان هوءَ،
اَڪيلي ڪـجي، ڪجهـ ٻُڏائي رهـي آ.

لفظن ۾، ڪيڏيون نه ڪهاڻيون سانڍيل هِن،
صفحن ۾، ڪيڏيون نه ڪهاڻيون سانڍيل هِن.

ڪيئي مسافر گذريا ها، ڪنهن وقت هِتان،
رستن ۾، ڪيڏيون نه ڪهاڻيون سانڍيل هِن.

وِڇڙي ويا هِن چهرا، ناتا هڪ ٻئي سان،
سپنن ۾ ڪيڏيون نه ڪهاڻيون سانڍيل هِن.

شعاع لڳڻ سان ظاهر ٿين ٿا ڪي ماڻهو،
پَردن ۾ ڪيڏيون نه ڪهاڻيون سانڍيل هِن.

گونگي مٽي ڪجهه نه ٻُڌائي ٿي ليڪن،
قبرن ۾، ڪيڏيون نه ڪهاڻيون سانڍيل هِن.

رستي ۾، ڪو ساٿ هليو پئي،
سپني ۾، ڪو ساٿ هليو پئي.

ساري عمر نہ ڳڌياسين پر،
ناتي ۾، ڪو ساٿ هليو پئي.

مونکي پنهنجي سڌ نہ هُئي،
پاسي ۾، ڪو ساٿ هليو پئي.

منهنجو وهم هُيو يا واقعي،
پاڇي ۾، ڪو ساٿ هليو پئي.

مون نہ سُڃاتو چهرو هُن جو،
پردي ۾، ڪو ساٿ هليو پئي.

جتي ٻي اکيُون هِي وَڃن ٽيون ڪٻي،
اُتان صورتون ڪي پون ٽيون اُٽِي.

"هتان وهندو سِنڌو هو" پوڙهي ٻُڌايو،
اَچي ٽي نظر آج ته وارِي رڳِي.

اکيُن تائين پُهچِي وئي لڙڪ ٻٽجي،
اندرَ مان جڏهن ٻي اُٽي ڪا "ڄِيي".

اَسان ٻيٺي هڪ ٻئي کان وڇڙي وَڃُون،
وڇوڙو وُڃي وِڃ مَان جي ٽِٽي.

هَٽن ۾ جهلي ٻلب جي روشني،
ٽنيو ڄڻ ته گهوري ڏسي ٽو ڪِهني.

لفظ آئيني جيان،
عڪس آئن تا اڳيان.

پڪندس پيو خواب ۾،
ڪيئن اکيون ٻوٽيان؟.

هت پڙاڏو مون ٻڌو،
ڪنهن سڏيو ماضيءَ مان.

هڪ صدي آ وچ ۾،
آءٌ توڏي ڪيئن اچان؟

ماں وَڃان ٿو گهٽو زندگيءَ کان پري،
۽ نہ ٿيندس ڪڏهن پو منِيءَ کان پري.

پنهنجي ڇهري ۾ توکي نہ ڏسندس وري،
هُونديون هِي اکيُون آرسيءَ کان پري.

سڄَ جا هيٺ ڪرڻا نہ سگهندا لَهِي،
رهبو اُونداهہَ ۾ روشنيءَ کان پري.

منهنجي ڪمري اندر رهندي ديوارَ تي،
منهنجي تصوير پر، ماں اُنهيءَ کان پري.

لفظ سڏ ڪا پري، روئندا مون لئہ،
آءُ ٿيندس جڏهن شاعريءَ کان پري.

رستن جي ويراني، مون ڏي گهوري ٿي،
هر شي مان حيراني، مون ڏي گهوري ٿي.

پوڙهائپ جي سرحد ڏي مان ڪاهيان ٿو،
پٺيان ڪيئن جَواني، مون ڏي گهوري ٿي.

ڪمري اندر تنهنجي هِيءَ تصوير مٺي!،
ماضيءَ جي نيشاني، مون ڏي گهوري ٿي.

ڏاهپ مونکي جيئن هلي ٿي ساڻ ڪٺي،
ننڍپڻ جي ناداني، مون ڏي گهوري ٿي.

ڪيڏو وقتُ لڪل آ ڪلَ جي گهنجن ۾،
پوڙهي جي پيشاني، مون ڏي گهوري ٿي.

جذبا جُدا جُدا ها،
رستا جُدا جُدا ها.

ڳالهيُون تہ ساڳيُون هُون،
لهجا جُدا جُدا ها.

پُهتا هُئاسين ڀئي پَرَ،
لمحا جُدا جُدا ها.

رَتَ جو گروپ ساڳيو،
رشتا جُدا جُدا ها.

هڪڙو وجود جنهن لئہ،
پردا جُدا جُدا ها.

منزل جُدا جُدا هُئي،
سپنا جُدا جُدا ها.

حاصلائون ۾ خوابَ، ڪير ڳڻي؟،
زندگيءَ جا عذابَ، ڪير ڳڻي؟.

مون ڪيو هِڪُ سَوالُ ۾ اَنَ جا،
آيا ايڏا جَوابَ، ڪير ڳڻي؟.

ڏيهہ ڇهرن جي لئبريري آ،
چوطرف هِن ڪتابَ، ڪير ڳڻي؟.

ماٺهو ماٺهو ڏِڪيو پِيو آهي،
يار! هيڏا نقابَ، ڪير ڳڻي؟.

سَيُ نظر تا رڪن گناهن تي،
سعيد! تنهنجا ثوابَ، ڪير ڳڻي؟.

آوازَ ٻڌي ڪنهن جو، هُو شخص گهران نڪتو،
آوازَ پٺيان هلندي، صحرا ۾ وڃي پهتو.

هِي سچُ جُنوني آ، ڪا باهه اَندرَ ۾ تَس،
ننگو ٿو رُلي اَيَ ۾، ڪوئي نہ اَتَسِ ڪپڙو.

صحرا جو هنيون ڌڙڪي، واريءَ تي نچن ڪِرڻا،
تِي مست هوا جُهومي، ڪو گيتُ چَوي آهڙو.

پاڻي ٻہ نہ آ رُجَ ۾، ءُ اَجَ رُلائي ٿِي،
پِيا پيرَ وڏن اڳتي، ٿو ڪَنِ پوي سهڪو.

هُئي مات پهاڙن ڪي، پئي چندَ ڏٺو چُپ ۾،
اَڌ رات مَري ويو هُو، ڪوئي نَہ اَٿيو سڏڪو.

عُمرِ گهاري وَياسين ڏتيءَ تي،
لڙڪَ هاري وياسين ڏرتيءَ تي.

شعر پنهنجاءِ يادگيريُون ڪجهہ،
جڻ وِساري وَياسين ڏرتيءَ تي.

سڏَ پنهنجا رهيا سفر ۾ ٿي،
پَرَ پُڪاري وَياسين ڏرتيءَ تي.

تي سگهي تو تہ ڪنهن جا نيڻَ ڏسن،
خوابَ هاري وياسين ڏرتيءَ تي.

هُوءَ ملي پر، مِلي ملي نہ سگهي،
اِئن گذاري وَياسين ڏرتيءَ تي.

جڏهن ڪـان چنڊ آسـان جي اکـڙن ۾ ترسيـو ا،
تڏهن ڪـان رات، نـظـرئـي نـ تـي اچي هـائـي.

اڃي تـ شـوق سـان لـڪـنـدا هيوءِ ڪَوِيتـائـون،
اوهـانـجي ذات، نـظـرئـي نـ تـي آچي هـائـي.

آسان جو عشق ۾ ڪاڏي شڪست هڪ پيرو،
تـ پي ڪـامـات، نـظـرئـي نـ تـي آچي هـائـي.

اوهـانـجو پـانـڌ آ آنـڪـيـو آسـان جـنـو نـين سـان،
پَڇڻ جي بـات، نـظـرئـي نـ تـي آچي هـائـي.

آسـان جڏهـن ڪـان، اوهـان ۾ فَنـا تِـيـا آهـيُون،
تـ پـنـهـنـجي ذات، نـظـرئـي نـ تـي آچي هـائـي.

اوهـانـجو پُوري چڏيـو آ، آسـان ڪـي مـتـيءَ ۾،
تـ ڪـائـنـات، نـظـرئـي نـ تـي آچي هـائـي.

ڪجو نہ فڪر آسان جا، سُڪونَ ۾ آهيون،
اوهان ڪان ڊار بہ ڏاڍا، سُڪونَ ۾ آهيون.

اوهان جي عشق ۾ ڏاڍو ٿِڙي وَيا هُئاسين،
حَواسَ جاءِ تي آيا، سُڪونَ ۾ آهيُون.

اوهان بہ هاڻ آسان کي وِساريو هُوندو،
آسان بہ گهر ۾ ها بابا! سُڪونَ ۾ آهيُون.

آسان اوهانکي پُڪارڻ ڇڏي ڏنو آهي،
نہ تا پُڇهن ڪي پَڙاڏا، سُڪونَ ۾ آهيُون.

آسان جو هاڻ وِهاڻو پُسيَلُ نہ هُوندو آ،
ڇڏيا سين خواب اُوهانجا، سُڪُون ۾ آهيُون.

مان مسيحا، نہ ڪو نَبِي آهيان،
پنهنجي هستيءَ جي مان نَفِي آهيان.

تنهنجي نظرن جو ماڳُ ڪِٿ تِيان ها؟
مان تہ گمنام ڪا گِهٽي آهيان.

اوپـِـٽـائي اڪـٽـي پَلي نہ وَجان،
ويهہ وَاٽُون مان اجنبي آهيان.

هُوءَ جا رضوانَ جي اکِيَن ۾ آ،
چئي ٿي "هِن جي مان مُورتِي آهيان".

تنهنجي منزل جا پِيا اُجالا هِن،
مان تہ رستي جي روشني آهيان.

رات ڪَڪرِيءَ چِيو ٿي بادَل کي،
مان بہ تنهنجي مَٿان وَسِي آهيان.

چا تہ سُهٽي لِڳِين ٿي مون آڏو،
تنهنجي سامهون مان آرسي آهيان.

سعيد ڪنهن ڏي هُئي اُماٽي جا،
مان وِچايل اُها چِٺي آهيان.

آسان موهن شهر وارا، آسان سان ساڻ اوسيئڙو،
ڪنڌر ٿيا خواب سي سارا، آسان سان ساڻ اوسيئڙو.

ازل کان پنهنجي پيرن کي مليا هِن پنڌَ ياڳِنِ ۾،
وچون ٿا ڏور وڇارا، اسان سان ساڻ اوسيئڙو.

ڇهن ٿيون تنهنجي جوين کي، هوائون ڄامشوري جون،
آسان جا هٿ پري پيارا، آسان سان ساڻ اوسيئڙو.

آسان جي هيڪلائيءَ تي، هزراين طنز جون نظرون،
پهاڙن جي مٿان تارا، آسان سان ساڻ اوسيئڙو.

اسان جي چوطرف آهي، جڳن کان سعيد! ڪوهيڙو،
لڪل هِن ڏنڌ ۽ چارا، آسان سان ساڻ اوسيئڙو.

وَڃي تـي ديـدَ جا ڏي صــرف وارِي آ،
آسان سان پنهنجي نيڻن ڪَئي غدارِي آ.

وَري ڀُلجي نـ ايـنـدا پيــرَ اِن پاســي،
آسـان تنـهنجي گهِٽي هاڻي وِسارِي آ.

وَيو آ ڀتڪي پنهنجي مَنَ جو ٽانڊاڻو،
آسـان جي زندگيءَ جي رات ڪاري آ.

خبر ڪـ توکي ڀوڙائيندئون ڪُنَ ۾،
تڏهن ڀي تنهنجي لهرن ساڻ ياري آ.

نـ رَهـُ ڪنڌُ ۾، اُتي هَڻُ پاڻ تي بيڻَرُ،
آســان جو دؤر پيــا رِاشــتـهــاري آ.

آزل ڪان پنهنجو مَنُ آ سعيدَ! سيلاني،
آڄان تـائين آســان جو ســيــر جارِي آ.

سَڀُ ستارا مَدارَ ۾ آهِن،
هِڪُ ستارو ٽِڙي وَيو آهي.

ٽُڪرا ٽُڪرا ڪَيو هَيئِہ هُن کي،
هُو تہ پَهرَ جِڙي وَيو آهي.

ڪو پَتو ئي نہ پيو ڪناري کي،
لاش ڪنهن جو لُڙهي وَيو آهي؟.

چورِ هائي نہ زخمَ سيني جو،
يارا مَس مَس مِڙي وَيو آهي.

ڪيس بَس انتظار ئي ملندا،
جيءُ ڪاٿي اَڙِي وَيو آهي!.

ڪنڌُ سُورجَ مُکيءُ جو هيٺ ٿيو،
سجُ هُن کان مُڙي وَيو آهي.

پير ڪِجِيا وَري پَٽائيءُ جا،
سجُ پِٺُن تان چِڙهي وَيو آهي.

عشقَ آخر پَيو اگهاڙو ٿِي،
ڪِيس ڪوئي نقابُ ڪين مِليو.

ها ملي رات پاڻ ڪي پيارا!،
هُو تہ هو آفتابُ، ڪين مليو.

تو تلاشيو اَ ڪيس صحرا ۾،
۽ چوين تو گلابُ ڪينَ مليو.

زندگي آ هزار جلدن ۾،
ڪوئي هڪڙو ڪتاب ڪين مليو.

ڪالهہ اَپَ ۾ ڦريو پئي تنها،
اَڄ ڪٿي سو عقابُ ڪين مليو.

منهنجي هَر ڏوهہَ ۾ سَچائي هُئي،
پو خُدا! ڇو ثَوابُ ڪين مليو؟.

زندگيءَ ۾ ڪيو سينا وسيڙو،
هڪڙي خط جو جَوابُ ڪين مليو.

روز ڏوڙن ٿا زلزلا دل کي،
ڪيترا ڏيان مان حوصلا دل کي.

عاشقي رڻ آهي ڪلائيءَ جو،
سات ڏيندا نه قافلا دل کي.

طوق بدنامين جو پاتو سين،
طئه ته ڪرڻا ها مرحلا دل کي.

دل آ جذبن جي خون سان ڳاڙهي،
ڪنهن بڻايو آ ڪربلا دل کي.

آسمانن تان هيٺ ڪيرائي،
ٽڪرا ٽڪرا ڪيئه خدا دل کي.

هالتي ويئي وقت جي واري،
سعيدَ! مارن ٿا فاصلا دل کي.

پِئي مٿان پونر پِرِيو، گلَ کي پَتوئي نہ پَيو،
پوءِ ڪيڏانهن وَرِيو، گل کي پَتوڪي نہ پَيو.

هُو تہ دَرياءَ ۾ لُڙهندو ٿي وَيو سانجهيءَ جو،
ڪنهن جي هَٿ مان هو ڪِرِيو، گل کي پتوئي نہ پَيو.

جو غزل ڳائي پَيو، شام جي تنهائيءَ ۾،
سو هُيو ڪيرُ چَريو، گل ئي پتوئي نہ پَيو.

جي پِرِيا پونرَ، اُنهن مان تہ مَرِي وِيو هڪڙو،
هُو ٿي مَهڪيوءِ ٽِڙِيو، گل کي پَتوئي نہ پَيو.

پنهنجي خوشبوءِ ۾ هُيو مَستُ نظر ئي نہ ڪنيئين،
سعيدُ هُن ڏانهن سُرِيو، گلَ کي پَتوئي نہ پَيو.

اوهان جي ڪين مليا، ڏس ملي آ تنهائي،
اوهان جي جاءِ تي گڏ گڏ هلي آ تنهائي.

جڏهن به شور جي وچ ۾ پناهه ڳولي آ،
پري پري ڪان آسان تي ڪِلي آ تنهائي.

اداس رات آ، جڳ جيت تو غزل ڳائي،
آسان جي سات ۾ تون يي هلي آ تنهائي!.

جڏهن به پاڻ کي محسوس ٿي ڪمي ڪنهنجي،
هلي آ ٻانهن وٺي، گڏ رلي آ تنهائي.

خزان کي آهه گذارش، پري رهي هن ڪان،
آسان جي باغ ۾ مهڪ ٿي ڪلي آ تنهائي.

آسان تي رات جو الهام جون گهڙيون آيون،
وتي آ شعر جي صورت، ڪِلي آ تنهائي.

سعيد! رات نه سگريٽ پٽي جليو تنها،
سموري رات آسان سان جلي آ تنهائي.

هُو تہ هُتہ تڙي قرار ۾ آهي،
هِي ڇريو انتظار ۾ آهي.

تِرورِو يي نہ تو اَچي ڪوئي،
مَن اَسان جو مَزار ۾ آهي.

تِيُون اُتن دل ۾ دَرد جون لهرون،
سوزُ ڪيڏو سِتار ۾ آهي.

ڪِئن ڏسجن حسين منظر هِي،
ديد پنهنجي غُبار ۾ آهي.

هِتِ لَڙهُون تا اَسان تہ لَڙڪن ۾،
هُو هُتي آبشار ۾ آهي.

ها ڪِريو هُوندو ڪنهن مسافر جو،
خَطُ پِيو رهگذار ۾ آهي.

هَر ڪنهن هَٿَ ۾ آبل حياتيءَ جو،
هَر ڪو بينو قطار ۾ آهي.

جو خزائن ۾ جيئندو آيو،
ڪِئن سڙي وِيو بهار ۾ آهي؟.

سعيدَ جون مون ڏٺيون اکيون ڳاڙهيُون،
عشق جي هُو خُمار ۾ آهي.

ڇو لوڪ ڪان لِڪي لِڪي، هَر لڙڪُ ڳاڙجي،
اَڄُ چونڪَ تي سعيدَ! گِريبانُ ڦاڙجي.

ٻوڙي ٻَنِ ۾ پاڻ کي تيلي لڳائجي،
ٻنهنجي ٿي فن ۾ پاڻ کي اَڄ رات ساڙجي.

سَڀُ تا ھنن غرور ۾، سيني جا ڪنڊ متي،
هڪُ ڳالِ ٻيو اُراهـ ۾ ٻيو تو لتاڙجي.

آهي ٻنهي ڪپَن تي اسان جوئي انتظار،
ٻيڙي آ وچ درياهـَ ۾، ڪيڏانهن لاڙجي؟.

جا ڏي وٺينِ تاڏي آسان کي ڇڪي وڃن،
هِي عشق جو درياهـُ آ، ڇولِيُن تي ياڙجي.

اگھ ٻرن ٿا سَين جا، آ رات چوڏهينءَ جي،
آسان جي گهرڙي رکو، روشني جهڪي آهي.

بدن اوهان جو ڇُهيو ٿئين، هَوا ۾ خوشبو آ،
هَوا تِي مَستُ اوهانجي پٺيان ڊُڪي آهي.

اوهانجي حسن ڏسڻ جو آ حوصلو ڪنهن کي؟،
اوهانجي هَٿَ ۾ آڇي آرسي ڏِڪي آهي.

متي نگاهه اسان جي، ڪٿي ته ڪيئن ڪٿي،
قدم قدم تي آسان لاءِ ڪوڙِڪي آهي.

جهُري تہ آهه بَرابَر، آجان ڪِري ناهي،
اسان جي هانوَ جي ديوارَاو ڏِڪي آهي.

اوهان جي ڳالهه ڪرڻ سان سڪون ملندو آ،
اوهانجي ڳالهه نہ ڪنهَن کان آسان ڍَڪي آهي.

وڃن تيون جيءَ ۾ تاڙيُون، اُميدَ جا سَهرا،
آسان جي جيءَ ۾ آڃ شامَ ڪا ٻِڪي آهي.

وڌن بہ تُنهنجي چِمَن سان ڪڏي پٺي اُوندهَ،
سعيدَ! تنهنجي بہ هِيءَ سوچ ڪورِڪي آهي.

هُو ٻڏل هو ڪنهن وڏي ويچارَ ۾،
رات نيري روشني هُئي غارَ ۾.

تو ڏسي پوڙهو مهاڻو غورسان،
جڻ سندس ٿي زندگي آ چارَ ۾.

ياد جو ڪمرو جو آج ڪولي ڏٺم،
هُئي آجان سُرهاڻ تنهجي سارَ ۾.

ٽڪ ٽڪ يجڻ جي لاءِ جيئڻ وينو آچي،
۽ پڪي لٽڪي پيو هو تارَ ۾.

ڊائريءَ جا ٻئي صفحا مهڪن پيا،
طلسمي خوشبو آ تنهجي وارَ ۾.

مان ٻه هان بيٺو آچي تنهجي پُنيان،
ايترو گم تي نه وَخ سينگارَ ۾.

رات، ناريءَ سان ڪمبل جهٽي بيو.
سجو ويو وسجي مهڪارَ ۾.

جَيَ ڪِرِيَن جي وَيِي تي سامُهَون،
سعيدَا! ڪا شادي آ پت جي ڏارَ ۾.

هُوتــ ظــاهــر نـہ آ ڪِنــاري تــي،
وِيو هليـو سـمنـڊ جي اِشـآري تـي.

نــيـري آڀَ ۾ تــہ ڪـــوڙَ تــارا هــا،
چو ڪـتـي ديـدَ هـڪَ سـتــاري تي؟.

واري واري ســـان پــاڻ ٿــي مـــاريـو،
۽ ڪُلــهـــا ڀـي ڏِيو ٽــا واري تــي.

سَچُ ڪـٺـهـڙي انـدر قـتـل ٿـي وِيو!،
ڪـــو ٻُڌائـــي وَجي نَغاري تــــي.

صـافُ عينـڪ جا مـون ڪِـيا شيـشـا،
پــوءِ ڀــي ڏنــڊ هــو نــظــاري تــي.

سعيـد جي روح ڪي ڏسـڻ نـہ سگهيـن،
ڏِيـد ٻيـهء صـرف رنـگ ڪـاري تـي!.

تِيــو پَڙاڏو جو مَنَ ۾ رهجِي وِيـو،
خَطُ منـهنجي هَٿَن ۾ رهجي وِيو.

هُوآڪيـلـو هُيــو خداوانـگـر،
۽ آڪيـلـو ڏڪـن ۾ رهـجي وِيـو.

ڪـيـس منـزل جي چاهِنا نـه هُئي،
هُو چريـو بَس دکن ۾ رهجي وِيو.

دوسـتـي دائـرا ٽَپي نـه سگـهـي،
پيار پنهنجو حدن ۾ رهجي وِيو.

روحُ رولاڪ وِيـو سـتـارن ڏي،
جسم هيڪل ڪفن ۾ رهجي وِيو.

رات جو روز تــو ٻُڌي دل کــي
رازُ جـيـڪـو چَپن ۾ رهـجي ويو

ڏِرڪـاتي جا رُوڍ ڳونـيـان ٿــو،
سعيدُ ڪاتي انهن ۾ رهجي وِيو؟

هو دِگهو انتظارَ جو رستو،
نيٺ ڳوليَءِ فرارَ جو رستو.

شاعريءَ زندگيءَ ۾ ساٿ ڏنو،
هامليِ ويو قَرارَ جو رستو.

ڪيڏو سندر لڳي ٿو سانجهيءَ جو،
انڊلٺي آبشارَ جو رستو.

پنهنجي پويان ڇڏي وِيو تانيڙو،
سنهڙو، باريڪ تارَ جو رستو.

گل سمورا سڙي وِيا اُس ۾،
تو وِساريو مزارَ جو رستو.

وارڪولي خزان لَٽا ڦاڙي،
ٿي نهاري بَهارَ جو رستو.

سعيد! مٽيءَ جو خوابُ ئي آهي،
هيءَ! آسان جي ڇمارَ جو رستو.

نيڻ اَسان جا نڪتا هِن چانڊاڻ طرف،
ڪوئي اَسان کي ڳِهلي ٿو ڪاراڻ طرف.

توکي ڳاڙهو ويسُ ڏَڪائي ڪين سگهيسُ،
ڪئين ڏسان مان شام سمي ڳاڙهاڻ طرف.

تنهائيءَ ۾ گيت رچڻ پئي چاهيا مُون،
وقتُ ڇڪي وِيو دنيا جي ڇڪتاڻ طرف.

ڳوتر! منهجا ڪافي ڪمرا ڏورا هِن،
ڪيئن هلان مان توسان گڏ نرواڻ طرف!.

آءُ خدا کي ڳولڻ نڪتس دنيا ۾،
ڀٽڪي ڀٽڪي موٽي آيسُ پاڻ طرف.

هُن جي لفظن پويان سوچ پَرائي آ،
ڪئين اسان جا پير وَڌن اڳواڻ طرف.

نچڻي! نئين سرِ شهر مُهين جو جوڙيُون ٿا،
چانڊوڪيءَ ۾ رقص ڪبو مهراڻ طرف.

منهنجي يارن وَچي جام پئـسا لَڌا،
مان چريو هوس مون صرف سپنا لَڌا.

ڪي تہ منزل تي پهچي مَرِي پيي ويا،
ڪن ڪان ساري حياتي نہ رستا لَڌا.

آءُ مڪليءَ ۾ تاريخ ڳولڻ وَيُس،
صرف قبرون مليون، صرف ڪتبا لَڌا.

سعيد مو هَن جو ڪنبر جا ڪوپي وَيا،
ڪنهن جا سپنا هُئا جيڪي زنده لَڌا.

پاڻ مونکان ٿي هُوءَ جُدا ويئي،
منهجي فَنَ کي ڏئي جِلا ويئي.

رات ويلي هنئين جي مندر ۾،
ياد تنهجي رکي ڏيا ويئي.

هَٿَ ڏکن ٿا ٻئي کُرازيءَ جا،
ها اِنهن تان اَڏي حِنا ويئي.

شامَ تائين رَلِيُس ٿي مُوهين ۾،
کالهه کِهلي وَري صَدا ويئي.

هڪ دفعو ٿي ته هُن نهاريو هو،
۽ اَڏي روح ۾ اَجها ويئي.

پاڻ آواز تي ملاهيون،
شاعري پنهنجي رابطا ويئي.

ڪير پَسندو پرين ۱ پُڄاڻيءَ ۾،
پاڻي ڏيندا سين پاڻ پاڻيءَ ۾.

هُو ڪهاڻي لکي رهيو آهي،
ءِ رُلائي پَيو ڪهاڻيءَ ۾.

خواهشن کي شڪست آئي آ.
پنهنجي مَن جي پرين مياڻيءَ ۾.

عشق منهنجي کي ڪين سمجهيائين،
سمجهہ هُوندي هُئي گهٽي سياڻيءَ ۾.

هيل آري آ عشق جي رِڻَ ۾،
سَسُئي شاورَ جي آهہِ پاڻيءَ ۾.

پوءِ مٽيءَ مان ڪين اُٿندا سين،
پاءِ ڀاڪُرُ تون موڪلاڻيءَ ۾.

رات دونهين جيان اڌي وِياسين،
آئين تڏهين جڏهن وِسي وِياسين.

اِئين ٿي ليکا ڪڍي رهيا هُئاسين،
تنهنجو نالو هي چو لکي وِياسين؟.

ها خدا جو ڀرم تہ رکٿو هو،
جڏهن جيارِيئين آسان بہ جي وِياسين.

تا ٻو آيو هو تنهنجي دَرَ اڳيان،
ها ڪِرياسين مگر، اُٿي وِياسين.

شاعريءَ جا آسان تي وڙ آهن،
جنهن وسيلي پرين ڏِسي وِياسين.

يار منصور! دار کي چڻجان،
پاڻ رستي ۾ ئي پڄي وِياسين.

تيڪ پِتِ ڪي ڏئي چو ٻيٺو آن؟،
ڪانَ ايندءِ! ٿونْ يارَ!! سادو آن!.

مون مڃيو هو تہ آ غلطفهمي،
پو بہ دل ۾ آجان ڄو ويٺو آن؟.

عشق نالو آ، انتظار جو.
ٿون اُبهرو بہ يارَ! ڏاڍو آن.

پاڻ لهندا وڃون تا مٽيءَ ۾،
ٻيا لَتَنِ تاءِ ٿون نہ پُهتو آن.

سعيدَ روڪيو هُيءِ، نَہ وَڃُ ايڏهين،
سانورا جو ڳي! ڪيڏو ٻٽڪيو آن.

يا جُڙَنُون يا تہ پاڻ کي ٽوڙيُون،
ڪشمڪش منجهہ ڪيترو لوڙِيوُن؟.

ماڳُ وِيو آمزارَ ۾ مَٽجِي،
آنِ ڪَتبوءِ ڪو عَلَمُ کوڙِيوُن.

زندگي فلسفن کان گهِري آ،
عقل وارا هٽن پِيا ٽا ڦوڙيُون.

آءُ وَنَ هيٺ ٽاڪ منجهند جو،
منهنجي سامهُون وَڃن ٽِيُون ماڪوڙِيُون.

ڇوڪرا، ٿي ٽِيَئُون ڇو ڪاموڙي؟،
ڇوڪريُون ڇونَہ ٽين ٽيون ڪاموڙيوُن؟.

شهر ۾ سعيدَ! ڇا رکيو آهي،
هاڻ رڪشا کي سمنڊ ڏي موڙيون.

رڪَ بَدن جي سنڌوءَ ۾ جا لوڙهيو ٿا،
لُڙهندي لُڙهندي آخر پاڻي ٿي ويندي!

جوين ڪنهن جو چُلڪي ٿو تصوير منجهان،
ليڪن هيءَ تصوير پُراڻي ٿي ويندي.

ننڊڙي نينگر گـذڙين ڪي ٿي پَرڻائي،
پاڻ بہ ڪنهنجي گهر ڏياڻي ٿي ويندي.

سوچيان ٿو تہ مسافر سَڀُ ختم ٿيندا،
يا ڪِٿِ رستن جي بہ پُڄاڻي ٿي ويندي.

هِڪ شخص لاءِ جيءَ ۾ پاري هليو ويو،
جڏهين پيرَ ٿِيا تہ وِساري هليو ويو.

هِڪ چهرو جو اکين ۾ رکو خوابَ جِيان رهيو،
آيو وري ترِي تہ رڳاري هَليو ويو.

ساري عُمر ۾ هِڪَ ئي لکي عشق جي چِٺي،
طوفان سان بہ دوست! اُڏاري هليو وِيو.

"اي ڄامشورا! تنهنجي حسين کي الوداع"،
هُو آخري نظر سان نهاري هليو ويو!.

هِڪ وقت آهِ جيڪو سَدائين سفرُ ۾ آ،
مٽيءَ ۾ پاندِين کي سُمهاري هليو ويو!.

هو ڀارَجي سليٽَ تي نالو لکيل سعيد،
ماضيءَ جي ٻئنچَ تي هُو وِهاري هليو ويو!.

آءُ لاهيُون هِي بار، نِرُهيتان،
ڪجهه پيُون، ٽَڪَ يار، نِرُهيتان.

زندگيءَ جي چَڪَرَ ۾ ڏوري ويا،
چڪريون، ڏوريُون، نَه پار، نِرُ هيٺان.

تي وَڏائي سفر جي چنتا ڪئي،
ڪِوين جي قطار، نِرُهيٺان.

تِي پَرِي پِرتُ پنهنجي چولي تي،
ساهه ۾ ڪنهن جي سار، نِرُهيٺان.

سانَ سوداءُ ڪنهن حسينا جو،
ءِ هنئين ۾ غبار، نِرُهيٺان.

سعيد! ڪوئي ڪڏهن وَڌي وِيو هو،
اَڄ به آهن، سي ڏارَ، نِرُهيٺان.

لڳو آسيڪ پُٽيُن کي، زمين آلِي آ،
جتي گذاري حياتي، ساجاءِ خالي آ.

اَڃان ڀ خوشبو اوهان جي ساڏيوڍِيءَ ۾ آ،
اَڃان ڀ پنهنجي اکين ۾ اُهائي لالِي آ.

دريءَ مان ديد نظارو ڏسي رهي آهي،
هَوا ۾ خوشبو، موسم پرين جهڙالي آ.

جَنين سان عشقُ اُنهن سان ئي دشمني آهي،
آسان جي نيهن سندي ريت هِيءَ نِرالي آ.

آسان جو دينُ ڀِ پنهجو، ڌرم ڀ پنهنجو آ،
آسان جو جيءُ آ ڪعبو، خُدا خَيالي آ.

چُمي ڀ ڪينَ سگهيا هُون جنين کي چاهيو آ،
سعيدَا! عشق آسان جو رڳو حَوالِي آ.

پاڻ وڪٽي ڪري، شهر ڦون ٿا وٺوا،
پنهنجي مَن ڪان پڇو، ذلتون ٿا وٺوا.

هو بہ آيُون اَسان جي اڳيان اوٽ ٿِي،
تَن جَهلي چِيو تہ، ”ڪِئن محبتون ٿا وَٺو؟“.

جَن جي خاطر رهياسين صديون منتظر،
چو آسان ڪان اِهي ساعَتُون ٿا وَٺو؟.

ها! چڏي ڏيونِ بابا! چڪنِ انبڙيُون،
چو ڪرا! چوانبن مان چٽون ٿا وَٺو؟.

شاعري! آسان لئہ چِري ٿي پَئي،
ءِ اوهان شعر مان فرحتُون ٿا وَٺوا.

منهنجي تهذيب! دانش! هِي ورثو اَٿوَا،
مونکان پچڙا! رڳو حسرتون ٿا وَٺوا.

توکي بنگلو، نہ ڪار، ڳوٺاڻا!،
شهر ۾ ڪَرَ نہ پيار، ڳوٺاڻا!.

ڳنڍ پنهنجي سنيال سيني سان،
چور آهي بزار، ڳوٺاڻا!.

شهر ۾ سا ڪشادگي ڪاٿي؟،
هتِ ڪٽڙيءَ ۾ گذار ڳوٺاڻا!.

بند ۾ رات جو ٻڪين ٻيئي،
ياد تہ ءِ رات، سارِ ڳوٺاڻا!.

توکي ساري تو گهرُ، وَني، ٻالڪ،
عيدِ تن سان گذارِ، ڳوٺاڻا!.

تيزُ گاڏيون متان چڙهي وينديءَ،
سعيد! سامهُون نهارِ! ڳوٺاڻا.

مان ڏکن کي سمهاريان ٿو ٿڦکيون هٿي،
حسرتن کي سمهاريان ٿو ٿڦکيون هٿي.

هِي سُمهن ئي نٿيون دل جي ڪوٺيءَ اندر،
خواهشن کي سمهاريان ٿو ٿڦکيون هٿي.

هِي اُتي پي پيلا چا ڪندا شهر ۾؟،
بي حِسَنِ کي سمهاريان ٿو ٿڦکيون هٿي.

هِي جڏهن ڪجهہ ڏسن ئي نٿا ڏيهہَ ۾،
مان اَنڌن کي سمهاريان ٿو ٿڦکيون هٿي.

هِي چون ٿا تہ "مسجد جو هجرو ملي!"،
مان بُتن کي سمهاريان ٿو ٿڦکيون هٿي.

ڄامشوري جي پُل تان ڪندا خودڪشي،
عاشقن کي سمهاريان ٿو ٿڦکيون هٿي.

هِي ڪجهِن جي شهر ڏي ڇِڪن ٿيون وَري،
مان اکِيَن کي سمهاريان ٿو ٿڦکيون هٿي.

سعيد اُدما ڏِکن ٿا وَري دارَ ڏي،
سرَ ڦِرين کي سمهاريان ٿو ٿڦکيون هٿي.

جُهوني ڪاغذَ تان الفاظَ ڌَهي ويندا هِن!،
وقتَ جي پاڻيءَ سان سَڀَ رازَ ڌَهي ويندا هِن!.

ڳهري ماٺِ جي اونهي تَهہَ ۾ هڪڙي ڏينهن،
خاموشيءَ سان سڀ آوازَ ڌهي ويندا هِن!.

صدين تائين ويندو آلاپُ، تڏهين،
سُرُ رهندو آ، توڙي سازَ، ڌهي ويندا هِن!.

ڪنيَ اُنهن جا اڏندا آهن هِڪُ هِڪُ ٽِي،
تيزُ اُڏامن وارا باز ڌَهي ويندا هِن!.

مونکي صدما، اَڪيلو ڄڻ ٿي نَتا.
پوءِ سپنا، اَڪيلو ڄڻ ٿي نتا.

ڪيئن چئبو يا هِن اُچي جيءَ سان،
هِي ناتا، اَڪيلو ڄڻ ٿي نَتا.

ساٿ نڀڻ، يڪو. جيسين منزل آچي،
اڌ ۾ رستا، اڪيلو ڄڻ ٿي نتا.

مان ته چاهيان تو مرڪي اوهان ڏي اچان،
پر هِي ڳوڙها، اَڪيلو ڄڻ ٿي نتا.

ڪَڏ لڳا تا اَچن هَر گهڙيءَ پوئتان،
ڪنهن کي پاڇا، اَڪيلو ڄڻ ٿي نتا.

وقت جي چارَ مان، ڪيئن نڪري وڃان؟،
سعيد! لمحا اَڪيلو ڄڻ ٿي نتا.

ڳالهه ناهي جيت جي ۽ هارَ جي،
وَٽ ناهي دل پرين! وهنوارَ جي.

چنڊُ نيري آپَ جو درويش آ،
جوت سيني کي ڏئي ٿو پيارَ جي.

مَن مُوهي وَئي سندس معصوميت،
عاشقي هُنجي آنيڏي پارَ جي.

توکان ليلا! مُنهن چنيسر وِيو مٽي،
تورڪي لالچ هُئي جو هارَ جي.

عاشقن کي مون ڏٺو آ دارَ تي،
تو تہ آهي وَٽ وَتِي بَس پيارَ جي.

مسڪرائيندو هلان ٿو اُس ۾،
سعيد آهي ڇانوَ ڪنهنجي سارَ جي.

تنهنجي جيون سفر جو نہ ساٿي هيس،
ءِ نہ ئي تنهنجي گهر جو مان ڀاتي هيس!.

چنڊ هو گهوٽ، چاچي ستارا هيا،
رات مان پي انهن سان براتي هيس.

زندگي بس ائين سان گذري وئي،
تنهن سان گذري نہ جنهن جي حياتي هيس!.

مان تہ رابيل جي گل جي پتي هيس،
تنهنجي نظرن ۾ ڪنهن نہ ڪاتي هيس؟

ڪيستائين جيئانها، سنڌ ۾ خوف ۾؟
مان امر ڪين هئس، بي ثباتي هيس.

ڏوهہ ڪنهن جو بہ هو، هئي سزا پاڻ کي،
پاڻ ئي مان ڇري، پاڻ گهاتي هيس.

هوءَ "وني" ئي نہ پر، منهنجي "ديوي" هئي،
ها تڏهن پي نہ مان اُن جو ذاتي هيس.

پنهنجي گهر جي پٽين ۾ هيس بند مان،
سعيد! هونئن سوچ ۾ ڪائناتي هيس.

نہ هانڻ نازَ جون ڳالهيُون، نہ نيازَ جون آهِن،
اَسان جا نينڻ اُنهن کي ڏسڻ لئا چاهِن.

ڪچين سِرَن سان اَسان جوڙيو آ گهرَ پنهنجو،
هِي شخص رات جو تنهنکي بہ چو پيا ڊاهِن؟.

هَلون تا پاڻ تہ فٽ پاٽ جي ڪناري سان،
چو آسمانَ جا ماٿهو اتان بہ تا لاهِن؟.

سموري رات اکيِ پاڻ روئندا هُئا سين،
اکين ۾ هاڻ اَسان جي سي لڙڪ پيي نامِن.

چٽو ڏسي نہ سگهان تو اُنهن کي عينڪ مان،
چوان مان ڪيئن تہ پاڇا، يا شخص يا چاهِن؟.

ڪِري پيا جي مٿان عشقَ جي بلنديءَ تان،
تنين جي پريت نہ ڪنهن سان، نہ ڪنهن کي تا چاهن؟.

ڪجهه هَلِي زندگي، ڪجهه رُلِي زندگي!!،
نيٺ گذري وئي، جا مِلِي زندگي!.

مونجهه ٿي مونجهه هُئي منهنجي ماحول ۾،
گهٽ ۾ هيرَ وانگر گهلِي زندگي.

مُرڪ جي چاشنيءَ سان مٺي ٿِي پئي،
لڙڪ ٿي لڙڪ هُئي، هُونئن نِلي زندگي.

شام جو ريت تي ٻار ڪيڏن پيا.
مونکي سنڌ رڳي سڃي زندگي.

آهه گنيير ٿي وئي غمن ۾ گهري،
اڳ هُئي ڪيتري چِلولِي زندگي.

عشق جي پَنڌ ۾ پير ڦٽجي پيا،
ڪنهن حسينا پُٺيان ها چِلي زندگي!.

منهنجي ياڱي ۾ توڙي هُيون تَلخيُون،
پوبه پاسي هُئي، ها ڀَلي زندگي.

سنڌُ سَنڌُ هو سفر منجهه ساٿو ٿيو،
سعيد! سامِيءَ ۾ آهِلِي زندگي.

Soorih Mirani

جڏهن يادن ۾ گم، نيڻ نيران ۾،
چنڊ ڏٺو ڏولڙو، رات آلاڻ ۾.

تنهنجو ترڪيو انڌيري ۾ گم ٿي ويو،
ڪجهه ڏسون ٿي نتا، هاڻ ڪاراڻ ۾!.

ڪٿهن اسان ڪي گهريو ۽ آسان ڪو گهريو،
نامڪمل رهيا سين سڀ ۽ پاڻ ۾!.

پاڻي چادر آڇي، پڙهون متي ۽ ۾ سمجهي،
پيا هون تڪجي حياتي ۽ جي چڪتاڻ ۾!.

هٿ ملائي خدا سان، مان چوندس ڪلي،
"تنهنجو بندو نه هان، دوست هيون پاڻ ۾.

سعيد آگر ڪٿي، سچ ڏيکاريو،
ڪي انڌيون هون اکيون، ڪي انڌي چاڻ ۾.

ڪِٿ انڌيرو مليو، ڪِٿ اُجالو مليو،
هَر ڪو منٿيء سان آخر حَوالو مليو.

پنهنجُون پَلڪُون سَدائين پُسِيَل ئي رَهيون،
هائو جيون سفر هو جُهڙالو مليو.

مون ڏٺو آيَ ڏي، ڳوٺ جي بند تان،
شام مونکي شفق م شوالو مليو.

منهنجي مَن ۾ اَچا پار رُوني پيو،
جنهن گهري هُئي "گهڙي" ڪيس "پالو" مليو.

ماٺ ئي ماٺ ۾ بس ڏٺو ڏور ڪان،
ها اَسان جي چپن کي هو تالو مليو.

هڪ صفحي تي چپيل ها پنهي جا غزل،
ڪالهه مونکي پُراڻو رسالو مليو.

هُن سان ڳو پيون ٻه ڳڏجي غزل ٿيون چون،
سانوري شيام کي، "سعيد" نالو مليو.

•• سعيد ميمڻ جي شاعري پڙهي، سنڌي شاعريءَ جي روشن مستقبل ۾ ايمان پختو ٿي ويو اٿم! • ڊاڪٽر تنوير عباسي

•• سعيد جي شاعريءَ ۾ انيڪ ڌارائون آهن ۽ انهن جي اندر وهڪري جي تيزي، لفظن ۾ اڻ تڻ، فڪرن ۽ خيالن جي لُڇ پُڇ آهي.

مون سعيد جي نگاهن ۾ "ساوڻ جو سنڌو" ڏٺو آهي. هن جي رمزن ۽ لهجي ۾ فطرت جي رنگيني وَسي ٿي. هن جي پيشانيءَ تي سوچن جي سگهه جا پيرا لڌا اٿم. سنڌس اکين ۾ موهن جو دڙو ۽ اسٽوپا جي ڇانوَ ۾ موهن جي دڙي جي نچڻي نظر ايندي اٿم. جنهن جي، ڇير جو ڏاڪو نچندي نچندي ڇڄي پيو هجي ۽ گهُنگهرو ڇڻ ڇڻ ڪندا پري پري وڃي پيا هجن ۽ نچڻيءَ جي نيڻن ۾ ڌهي پيل گهرن جا ڪک ڪانا لڙهندا هجن! • سرڪش سنڌي

•• سعيد جي شاعري برصغير جي فني پاڪيزگيءَ جي سجاڳ سان گڏ، ذهني شائستگيءَ ۽ تمدني رشتن جي تهذيبي خوشبو آهي. هن جي شاعريءَ جو ڪلاسيڪي شاعرائو ردم ڪبير، غالب ۽ ڀٽائيءَ جي پايي جو نظر اچي ٿو........

• سعيد پنهنجي دور جي شاعريءَ جو "سگهارو شعور" آهي.

• يامين بلوچ

نالو : صاحب خان ميراڻي
ولد : بهادر علي
ادبي نالو : سورهه ميراڻي
جنم : 08.04.1975
جنم هنڌ : ڳوٺ ڪبڙو، تعلقہ
رتوديرو، ضلعو لاڙڪاڻو.
حال ائڊريس : غريب آباد محلہ
نئون ديرو. تعلقو رتوديرو.
تعليم : M.A سنڌي
ڪرت : اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر آف سنڌ پوليس

اڻ ڇپيل ڪتاب

ڌرتيءَ جا رکوالا (ٻارن لاءِ ناول) 1990ع
سائر سهس گجن (شاعري) 2021ع
برهہ منجهارا بوند (شاعري) 2022ع
صاحب ديوان سنڌي شاعر (تحقيق) اڻ مڪمل

موبائل نمبر : 3919786 – 0344
0300 – 3404488
اي ميل : sahibkhanmirani0@gmail.com

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان سورهه ميرائي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488